# زلفن جي ڇانوَ ۾

( شاعري )

## شبير هاتف

طالب الموليٰ اڪيڊمي، هالا
1440 هه / 2019ع

زلفن جي ڇانوَ ۾
( شاعري )
شبير هاتف
2019ع

kaptan abro



## تعارف

نالو: شبير علي شاهه

تخلص: "شبير" ۽ "هاتف"

پيءُ جو نالو: سيد الله بخش شاهه

ڄم: 4 اپريل 1940ع

ڄم جي جاءِ: ٽکڙ

پرائمري تعليم ٽکڙ جي حافظن جي مڪتب مان ورتل. اُن کان پوءِ قاضي عبدالقيوم اسڪول حيدرآباد مان. اُن دور جي رسم مطابق شروعاتي فارسي تعليم حافظ عبدالله بسمل کان ورتائين. 1957ع ۾ نور محمد هاءِ اسڪول مان ميٽرڪ ڪيائين، 1963ع ۾ سنڌ يونيورسٽي مان بي ايس سي (آنرز) جيالاجي ۽ 1970ع ۾ لنڊن يونيورسٽي مان هائيڊروجيالاجي ۾ ايم ايس سي جي ڊگري ورتائين.

### روزگار:

1963ع کان 1973ع تائين WAPDA ۾ سنڌ ۽ پنجاب ۾ جيالاسٽ جي حيثيت سان ڪم ڪيل، 1973ع ۾ سنڌي يونيورسٽي ۾ اسسٽنٽ پروفيسر ۽ نيشنل بُڪ فائونڊيشن ۾ ڊائريڪٽر جي حيثيت سان سنڌس صلاحيتون ڪتب آندل، 1973ع کان 1976ع تائين پاڪستان فارن سروس طرفان آسٽريليا ۾ سيڪنڊ سيڪريٽري ٿي رهيو. 1976ع کان 1978ع تائين چيف سائينٽفڪ آفيسر جي حيثيت سان DRIP ۾ رهيو. 1979ع کان 1980ع تائين هنٽنگ ٽيڪنيڪل سروس لنڊن پاران هائيڊروجيالاسٽ جي حيثيت سان لنڊن، عمان، يمن ۽ سعودي عرب ۾ ڪم ڪيو اٿس.

1980ع کان 1987ع تائين هائيڊرو جيالاجسٽ ايڪسپرٽ جي عهدي تي ملڪ عبدالعزيز يونيورسٽي (جده) ۾ ۽ 1987ع کان 1988ع تائين ساڳي حيثيت سان مهراڻ يونيورسٽي ڄام شورو ۾ رهيو. 1988ع کان 1989ع تائين سينئر هائيڊرو جيالاسٽ طور الرياض ڊيولپمينٽ اٿارٽي، رياض ۾ رهيو. اُن کانپوءِ ڪويت ۾ انسٽيٽيوٽ فار سائنٽيفڪ ريسرچ ۾ ريسرچ اسپيشلسٽ طور 1997ع تائين ڪم ڪيائين. اُن کان پوءِ 2014ع تائين سعودي جيالاجيڪل سروي جده ۾ ايڊوائيزر رهيو.

ڪتاب جا حق ۽ واسطا ڇپائيندڙ وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: زلفن جي ڇانوَ ۾
شاعر: شبير هاتف
پهريون ڇاپو: ۱۴۴۰ھ/2019ع
ڪمپيوٽر لي آئوٽ: عبدالله جروار
ڇپيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي
ڇپائيندڙ: طالب المولىٰ اڪيڊمي، هالا

قيمت: =/200 روپيا

طالب المولىٰ اڪيڊمي
هالا

# زلفن جي ڇانوَ ۾

شبير هاتف

طالب المولىٰ اڪيڊمي، هالا
۱۴۴۰ھ/ 2019ع

Gul Hayat Institute

# فهرست

انتساب: شبير هاتف ......................... ز
اداري ۽ پنهنجي پاران: مخدوم جميل الزمان ......................... ط
ٿورا نہ ٿورا: شبير هاتف ......................... س

## زلفن جي ڇانوَ ۾

ڇو ايڏو مضطرب آهين ڇو ايڏو بي قرار ......................... 3
هُن جي تيرِ نظر جي ڳالهہ ڪجي ......................... 5
نہ ڪا ٻيڙي نہ ڪو تُرهو اڳيان دريا بہ تار آهي ......................... 7
نہ ڪو سنگي، نہ ڪو ساٿي نہ مائٽ رشتيدار آهي ......................... 9
جڏهن ڪجهہ پلن لاءِ ٿيون ٿي جدايون ......................... 10
ڇوٽي هَر هَر چڙهي جُتي منهنجي ......................... 12
طبيبِ مهربان وقتي شفا مان ڇا ڀلا ٿيندو ......................... 14
تو تہ بس هو بي اراده مُرڪِيو ......................... 16
هِت تہ آهي ڪوڙ جي بازار گرم ......................... 17
سرِ عام ڪُليو ڪُلايو ڇَتُون ٿا ......................... 18
آئون تہ ڪنهن ليکي ۾ ناهيان مون کي ڪو نہ ٿو سارين يارَ! ......................... 20
نعت-جيستائين نہ مون تنهنجي چائنٺ چُمي ......................... 22
نعت-مديني ۾ وڃي ڪو بي سرو سامان مون جهڙو ......................... 23
نہ مان بلبل نہ مون کي فصلِ گُل جو انتظار آهي ......................... 24
سندھی سلام کا ترجمہ-اگرچہ بے سروساماں حسین، آلِ حسین ......................... 26
یہاں وہاں نظر آئے حسین کے حبدار ......................... 28



نعت۔بدکار، سیاہ کار، گنہگار، خطاکار ......................... 29
کیوں سُنے کوئی داستان غم کی ......................... 30
کبھی تو کوچۂ جاناں میں جانا بھول جاتا ہوں ......................... 32
وہ ہر شب اُس کا یوں بانہوں میں آنا یاد آتا ہے ......................... 34
نيٺ واعظ کي محبت ٿي وئي ......................... 35
عشق نہ آهي خواري آهي ......................... 37
ایک دو پل کی بات ہے یارو ......................... 39
نعت-جس کو ہادی کی ہدایت ہو گی ......................... 40
نعت-مدینے سے پرے جو پل گذارے ......................... 41
نعت-ہے کوئی ان جیسا تنویرِ مجسم ہے کوئی! ......................... 42
میری باتیں میرے بول، کوڑیوں کا کیا ہے مول ......................... 43
نہ خیال کی ہیں بلندیاں نہ فصاحتوں کا کمال ہے ......................... 44
نغما بلبل جا، گلن جي تازگيءَ جي ڳالهہ ڪر ......................... 46
وسارڻ گهرو ٿا وساري ڇڏيو ......................... 48
آنکھ سے موسلا دھار بارش کے بعد ......................... 50
مہربانوں نے در و دیوار چھت چھینی مگر ......................... 51
رخ تان زلفن جا پري پردا ٿيا ......................... 52
موسمِ گل چوطرف چوڏار گُلَ ......................... 53
سڀ پيالي پائي ٿي ويا پارسا هن عمر ۾ ......................... 54
دوستن ڏانهن دوستن جي هٿ وڌايو دوستو ......................... 56
عيد-هي جي هڪ ٻئي کي خوشي ساڻ مبارڪ ٿا ڏين ......................... 58
زبانَ خشڪ ٻڏل پيٽ تي پٿر آهن ......................... 59
بي نظير-سهڻي بہ بي مثال بهادر بہ بي مثال ......................... 61
طالب المولیٰ-پلي دنيا مان ٿي ويو آهين رخصت طالب المولیٰ ......................... 62
نعت-نہ جنهن جي ابتدا آهي نہ جنهن جي انتها آهي ......................... 64

Gul Hayat Institute

لوڪ ۾ لايون نئين ياري ڪٿي ............................................ 66
هميشہ منهنجي دل ۾ يار جي موجودگي آهي................................ 68
نہ محبت ڪريون نہ پيار ڪريون............................................ 70
ڪو وقت ٿيو آهي ڪو زخم مليو ناهي ...................................... 72
يار کی جب بھی یاد آتی ہے.................................................. 73
لبن تي جي مرڪون سجائي وياسون.......................................... 74
کیا بتاؤں کس طرح ہے دلربا سب سے الگ.................................... 75
نہ گل جي رنگ رعنائيءَ ۾ تارن جي سهائيءَ ۾ ............................ 76
حميد جان سرهندي۔رحلت ڪئي جهان مان حضرت حميد جان .. 78
گهٽن لئي رهنما رهبر انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ ناهي.............................. 79
نيٽن مان سڄو ڏينهن سڄي رات مسلسل .................................... 81
زندگيءَ تي ڀروسو جيڪو ڪري............................................... 83
حڪيمن، حاذقن، ويدن جي وس ڪان هي وڏا آهن ........................... 85
حمدِ باري تعاليٰ۔نہ ڪو سنگي، نہ ڪو ساٿي نہ مائٽ رشتہ دار آهي 87
خوشفہمیوں میں آتا ہے مجھ کو مزا بہت ..................................... 89
ڪوڙ جي قصن ۾ ٿورو سچ ملائيندا هلو...................................... 90
درد، جس کی کوئی دوا ہی نہیں.............................................. 92
نعت۔بس محمّد ﷺ مير جي الفت هجي چاهت هجي .......................... 93
لڙائي حقّ جي لڙبي اگر تير و تبر ناهي...................................... 95
ڪيئن نہ پل ۾ دل ڪٽي ويو اوچتو ئي اوچتو.................................. 97
هزارن ۾ هڪڙو نِيارو ملي ويو............................................... 99
هي ڪهڙو جيڻ جي محبت نہ آهي.......................................... 101
راہ بدل کر گذرا تھا، وہ جو میرا اپنا تھا ..................................... 103
اڳوٽي سال جيان هي بہ انتظار ۾ ويو....................................... 104
ڪيترو عرصو ٿيو هن کي ڏٺي ............................................. 105
اُهي ڪي ٻيا سدائين جي رهن ٿا پنهنجي يارن سان.......................... 106






Gul Hayat Institute

# انتساب

طالب الموليٰ سائينءَ جي نالي
جو نہ وسريو آهي نہ وسرندو.

شبير هاتف
14 مئي 2019ع
ڪراچي



زلفن جي ڇانوَ ۾ جي ٻہ ٽي پل گذارِيم
تن تان سڄي ڄمار جون آسائشون نثار

Gul Hayat Institute

# اداري ۽ پنهنجي پاران:

سنڌ جي مشهور تاريخي شهر ”ٺٽڙ“ جي مٽيءَ مان جيڪي خوشبودار گُلَ پيدا ٿيا، سيّد شبير علي شاه هاتّف انهن مان آهي. مخلّص، بيخّود، دلگّير، دائوّد، حامّد ۽ بسمّل وغيره، هي اُهي شخصيتون آهن، جنجي علم و فن جي سرهاڻ صدّين تائين قائم رهندي. سيّد شبير شاه جي ولادت ٢٥ صفر ١٣٩٥ھ مطابق 4 اپريل 1940ع تي ٿي، پاڻ قاضي علامه سيد اسد الله شاه ”فدا“ جو پوٽو ۽ سيّد الله بخش شاه جو ننڍو فرزند آهي، سندس نسبي سلسلو حضرت امام موسيٰ ڪاظمؑ سان ملي ٿو جيڪو هيئين آهي: سيد شبير علي شاه هاتف بن سيد الله بخش شاه[1] بن سيد علامه حاجي اسد الله شاه ”فدا“[2] بن سيد الله بخش شاه[3] بن سيد اسد الله شاه[4] بن سيد عبدالحڪيم شاه[5] بن سيد بادو (بادو) شاه[6] بن سيد عبدالحڪيم شاه شهيد بن سيد بادو شاه بن سيد محمد سعيد شاه بن سيد ملوڪ شاه بن سيد محمد سعيد شاه بن سيد

---

[1] وصال: ربيع الثاني ١٣٧٢ھ/جنوري 1953ع.
[2] ولادت ١٥ شعبان ١٢٨٥ھ/30 نومبر 1868ع- وصال ٢٧ رجب ١٣٤٤ھ/ 11 فيبروري 1926ع.
[3] وصال ١٣٠٩ھ/1892ع.
[4] وصال ١٥ ربيع الاول ١٢٧٢ھ/24 نومبر 1855ع.
[5] ولادت ١٢٠٢ھ/1788ع- وصال ٩ محرم ١٢٧٣ھ/9 سيپٽمبر 1856ع.
[6] وصال ١٢٢٩ھ/1814ع.



عبدالمنعم شاه بن سيد ڪمال (ڪمار) شاه بن سيد محمود شاه بن سيد جلال عرف جراڙ شاه[7] بن سيد شرف الدين شاه[8] بن سيد مير علي شاه سنڌي[9] بن سيد امير حيدر شاه هراتي بن سيد مير علي شاه هراتي منعماڻي متعلوي ٺڪڙائي.

نسبن جي معلومات رکڻ منهنجو پسنديده ڪم آهي، منهنجي پڇڻ تي سيد شبير شاه ٻڌايو ته ”اسد الله شاه چوندو هئو ته پنهنجو ڏاڏو سيد امير علي شاه هراتي اصل ۾ امير سيد علي تُرخان آهي“. منهنجي راءِ مطابق ته هيءَ انتهائي اهم معلومات آهي، جنهن تي باقاعده تحقيق ٿيڻ گهرجي. مون، محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي صلاح بعد ”سادات ڪرام“ جي نسبن ۽ بزرگن تي ڪافي معلومات حاصل ڪئي آهي، خوش قسمتيءَ سان سيد مير علي شاه هراتي ۽ سيد جعفر ثاني حواري جي درميان ڪٽل چار پنج پيڙهيون مستند حوالن سان مليون آهن، ارادو آهي ته هن تحقيق کي پايهءِ تڪميل تي پهچائي سرتاج الشعراء حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي سوانح سان گڏ شايع ڪرائجي. انشاءَ الله ﷻ

سيد اسد الله شاه ”بيخود حسيني“ سندس ڏاڏي علامه قاضي سيّد اسد الله شاه ”فدا“ وانگر عالم، فاضل ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. پاڻ ڪيمبرج يونيورسٽيءَ مان ڊاڪٽريءَ جي ڊگري حاصل ڪيائين. سندس تحقيقي مقالي (ٿيسز) جو عنوان ”ايران ۾ تيموري دور ۾ مذهبي طبقن جو معاشري ۽ سياست تي اثر“هئو، عنوان مان ئي اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته مڪمل مقالو ڪيترو اهم هوندو.

---

[7] جد جراڙ پوٽا سادات.
[8] جد شرف پوٽا سادات.
[9] جد متعلوي سادات.

سيد اسد الله شاهہ اعليٰ حضرت قبلہ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائينؒ جنجي چند قريب ترين دوستن مان هئو. قبلہ طالب المولىٰ سائينؒ جن جي هيءَ مشهورِ عالم ڪافي ”مهرباني ٻي تہ وئي پر منهن ڏيکارڻ کان بہ وئين“ جڏهن ريڊيو پاڪستان تان مصري فقير جي آواز ۾ نشر ٿي تہ انکي ٻُڌي شاعري ڪرڻ جو شوق پيدا ٿيو. اسان ٻن ٽن دوستن (مون، پير ميان مختيار علي شاهہ لالو ڪريم گل دراني ۽ سيد مٺن شاهہ) پاڻ ۾ صلاح ڪئي تہ ”سائين اسد الله شاهہ کي گذارش ٿا ڪريون تہ اهو پاڻ کي شاعري سيکاري!“ اهو فيصلو ڪري سائين اسد الله شاهہ کي چيوسين، ان چيو تہ توهان کي شاعريءَ جو سبق ڏيندس، سائين اسد الله شاهہ ڪافي سمجهايو ليڪن اسين سمجهي نہ سگهياسين، نيٺ چيائين تہ: ”قبلہ طالب المولىٰ سائين شاعرن جا استاد آهن، توهان انهن جي حاضري ڏئي انهن کان شاعري سکو.“ سنڌ جو هي بيمثال اديب ٢٤ ذيقعد ١٣٤٩هہ مطابق 12 اپريل 1931ع تي تولد ٿيو. پنجاهہ سال ۽ ڪجهہ مهينا جهانِ رنگ و بو ۾ رهڻ بعد ٢١ رمضان ١٤٠١هہ مطابق 24 جولاءِ 1981ع تي ملڪ عدم ڏانهن راهي ٿيو. لنڊن ۾ جڏهن سائين اسد الله شاهہؒ جي گذاري وڃڻ جو اطلاع مليو تہ حد کان وڌيڪ ڏک ٿيو ۽ دل غمگين ٿي وئي، دعا آهي تہ الله سائين ﷻ کيس جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا ڪري. (آمين) منهنجي ڪوشش رهندي تہ سندس ٿيسز کي ڇپائي پڌرو ڪجي.

ٽڪڙائي سادات ۾ سيد اسد الله شاهہ ”بيخود حسيني“ جي



ننڍي ڀاءُ[10] سيد شبير هاتِف کي، اعليٰ حضرت قبلہ محمد زمان طالب المولىٰ سائينؒ جنجي حلقهءِ احباب ۾ هميشہ هڪ جداگانہ رتبو حاصل رهيو، پاڻ حضرت قبلہ طالب المولىٰ سائينؒ جنجو دل گهريو رازدار ساٿي آهي، اعليٰ حضرت قبلہ مخدوم محمد امين فهيم سائينؒ ۽ شبير هاتِف صاحب جي تعلقداريءَ متعلق بہ آئون ساڳيا الفاظ لکڻ تي مجبور آهيان.

حسنِ اتفاق سان اسد الله شاهہ ۽ سيد شبير هاتف سان ڪچهرين ۽ رهاڻين جو ڪيئن پيرا موقعو مليو آهي، هتي سندس هن ڪتاب لاءِ ڪجهہ لکڻ لاءِ جڏهن پنهنجي ڊائري کوليم تہ لاتعداد تاريخي ڏينهن ڇڻ تہ جيئرا ٿي پيا!! خاص طرح سان لنڊن ۾ قبلہ والد صاحب جنجي اڳواڻي ۾ شبير شاهہ سان گڏ ڄام صادق علي خان وٽ، شهيد مير مرتضىٰ ڀٽو سان ملاقات ڪرڻ، شبير شاهہ سان گڏ سڄا سڄا ڏينهن هائيڊ پارڪ، ڪيوي گارڊن وغيره ۾ گهمڻ، برٽش ڪارگو، پين ايم ڪارگو جا چڪر لڳائڻ، ليسٽر اسڪوائر (Leicester Square) تي A.B.C ۾ گڏجي فلمون ڏسڻ، هيرڊس ۽ اوڪ-وڊ جي ”انوراگ“ ۾ ماني تي ڪچهري ڪرڻ وغيره اهي سڀ واقعات اکين جي آڏو تري آيا. لنڊن ۾ 1980ع جو رمضان شريف 13 جولاءِ کان شروع ٿيو، مون سواءِ ٿورين روزي جي ٻيا سڀ روزا رکيا، سحري ۽ افطار ۾ تمام گهٽ وقفو هوندو هئو ۽ روزو رات جو 9 بجي کلندو هئو. هڪڙي ڏينهن سائين

[10] سيد اسد الله شاهہ جو وڏو ڀاءُ سيد محمد حافظ شاهہ ناطق ٽڪڙائي، 26 فيبروري 1928ع مطابق ٤ رمضان ١٣٤٦هہ تي تولد ٿيو ۽ 15 مئي 1974ع مطابق ٢٢ ربيع الثاني ١٣٩٤هہ تي رحلت ڪيائين. ناطق ٽڪڙائي ۽ بيخود حسينيءَ، حضرت قبلہ طالب المولىٰ سائين جا ڏنل تخلص قبول ڪيا، آخر تائين تائين پنهنجي ڪلام ۾ استعمال ڪيائون.

شبير سان، برائٽن گهمڻ جو پروگرام ٺهيو. 3 آگسٽ 1980ع تي گڏجي برائٽن پهتاسين، موسم بيحد لاجواب هئي، سڄو ڏينهن ايهين گذريو جو روزي جو احساس ئي نه ٿيو.

اُهي ڏينهن ياد ڪري اينهين لڳو ته شبير شاهه هاتِفؔ، حضرت قبله طالب المولىٰ سائينؒ ۽ حضرت قبله امين فهيم سائينؒ جنجو نه بلڪ منهنجو دل گهريو دوست آهي.

قطعات جو شاهه ۽ ”زلفن جي ڇانوَ ۾“ جو مصنف سائين شبير هاتِفؔ هن دور جو صاحب الطرز شاعر به آهي. سندس شاعريءَ ۾ لفظن جي نواڻ، جملن جي تازگي ۽ سنڌي زبان جي پهاڪن جو وٽندڙ استعمال جا بجا ڏسڻ ۾ اچي ٿو، سائين شبير جي شاعريءَ جو پهريون ڪتاب ”جهڙا پوپٽ جا پر“ ڪجهه سال اڳ سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپرو ٿي چڪو آهي. ”زلفن جي ڇانوَ ۾“ سندس ڪلام جو ٻيو مجموعو اهي، جيڪو طالب المولىٰ اڪيڊميءَ پاران شايع ٿي رهيو آهي، شبير هاتف جو هيءُ مختصر ڪلام سنڌ جي ڪيترن مشهور ۽ معروف شاعرن جي مڪمل ڪلام ڪان وڌيڪ بهترين آهي.

اڪيڊميءَ جو اهو فرض آهي ته اعلىٰ حضرت قبله مخدوم طالب المولىٰ سائينؒ جن سان وابسته عالمن، اديبن ۽ شاعرن جا ڪتاب ڇپائي منظرِ عام تي آڻي سنڌي ٻولي ۽ تاريخ جي خزاني ۾ اضافو ڪري. دراصل علامه آءِ آءِ قاضي، شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ، ميران محمّد شاهه مهجور، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سيد اسد الله شاهه ”بيخود“، سيد حيدر شاهه ”حيدر“، احسن الهاشمي، سيد علي احمد شاهه ”ساقي سروري“، سيد شبير ”هاتف“،



پروفيسر محمد بچل ”محبوب سروري“، ”انور هالائي“، حسين بخش ”خادم“، مصري فقير ”مخمور سروري“ وغيره جي ذڪر ڪرڻ کان سواءِ مخدوم خاندان جي علمي ۽ ادبي خدمتن جي تاريخ اڻپوري رهندي.

سيّد شبير شاهه صاحب پنهنجو ڪلام ڇپائڻ لاءِ اڪيڊميءَ جي حوالي ڪيو ۽ انجا پروف به پاڻ خود درست ڪيا اٿس، جنهن لاءِ ادارو سندس ٿورائتو آهي.

18 جون 2019ع
۱۴ شوال ۱۴۴۰هه
ڪراچي

**مخدوم جميل الزمان**
چيئرمين
طالب المولىٰ اڪيڊمي

Gul Hayat Institute

## ٿورا نہ ٿورا......

پنجاهہ جي ڏهاڪي جي آخري سالن جي ڳالهہ آهي، هڪ ڀيري سائين طالب الموليٰ فرمايو تہ هلو تہ يادگيريءَ لاءِ فوٽو ڪڍرايون، پوءِ گرامي صاحب، پائو اسد الله شاهہ ۽ مون کي ساڻ ڪري حيدرآباد مارڪيٽ وٽ پئرامائونٽ اسٽوڊيو آيا ۽ اتي گروپ فوٽو نڪتو. ان فوٽو جون چار ڪاپيون ڪرايون ويون ۽ هر ڪاپيءَ تي پنهنجي هٿ سان لکيائون ”چار يارَ“ ۽ اسان کي هڪ هڪ ڪاپي ڏنائون. مون کي فخر آهي تہ آئون طالب الموليٰ جي يارن ۾ شامل هوس ۽ انهن چئن يارن ۾ صرف آئون بچيو آهيان. افسوس تہ ٻين ڪيترين شين سان گڏ هي فوٽو بہ گم ٿي ويو. پائو اسد الله شاهہ جو بہ هن فوٽو سميت هر علمي پورهيو بشمول سندس Ph.D ٿيسس، سڀ ڪجهہ غائب آهي، شايد رديءَ ۾ وڪجي ويو.

طالب الموليٰ سائين سان اهو رشتو پُشتان پُشت قائم آهي. منهنجا ٻہ شعري مجموعا ”نيڻن ۾ ڏياريون“ ۽ ”جهڙو پوپٽ جو پر“ ڇپجي چڪا آهن. پهريون مجموعو طالب الموليٰ سائين جي نوازش سان سنڌي ادبي بورڊ ڇاپيو ۽ ٻيو



مون ڇپايو. ٻيو مجموعو منهنجي پرپٺ ڇپيو ۽ ان ۾ بي شمار غلطيون رهجي ويون. ڪجهہ ڏينهن اڳ جميل الزمان سائين طالب الموليٰ اڪيڊمي تحت ڇپيل ڪتابن جو سيٽ موڪليو. ڪتابن جو مواد، گيٽ اپ ۽ ڇپائي بيحد دلپذير هئا. مون تمام گهٽ لکيو آهي پر وڏي عمر جي ڪري اڪثر خيال ايندو آهي تہ حياتي بي ثبات آهي ڪڏهن بہ سڏ ٿي سگهي ٿو. سو طالب الموليٰ اڪيڊمي جا ڪتاب ڏسي منهنجو روح رسڪيو ۽ جميل سائين سان مختصر ڪلام شايع ڪرڻ جي سرسري خواهش جو اظهار ڪيم. پاڻ فوراً فرمايائون تہ طالب الموليٰ سائين سان تعلق جي نسبت سان توهان جو سيني ڪان اول حق آهي ۽ ماڻهون موڪلي مواد گهرائي ورتائون.

اڄ جميل سائينءَ جي مهرباني سان هي ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ آهي. هن ڪتابڙي کي شايع ڪرڻ لاءِ آئون طالب الموليٰ اڪيڊمي ۽ خصوصاً جميل سائين جو بيحد ٿورائتو آهيان.

”ٿورا نہ ٿورا، مون تي ماروئڙن جا“

منهنجن پهرين ٻن مجموعن تي طالب الموليٰ سائين ۽ ڪجهہ مهربان دوستن علي محمد مجروح، عنايت بلوچ، نصير مرزا ۽ منهنجن قريبي عزيزن، جن جو سنڌي ادب ۾

وڏو مقام آهي، امداد حسيني، نور الهديٰ شاهہ ۽ سحر امداد گهڻو ڪجهہ لکيو آهي. ان ڪري مناسب سمجهيم تہ هن مجموعي تي لکڻ لاءِ ڪنهن کي بہ عرض نہ ڪجي، البتہ جميل الزمان سائينءَ کي، بہ حيثيت طالب الموليٰ اڪيڊمي جي سرپرست، ڪجهہ لکڻ لاءِ عرض ڪيو اٿم. اميد تہ قبول ڪندا.

منهنجي شاعريءَ جو ملهہ ڪٿ آئون پڙهندڙ تي ٿو ڇڏيان.

”ڪَچي آهي، ڦِڪي آهي مگر دل سان لکيل آهي“

پسند آئي تہ منهنجا سوڻ سجايا نہ وڻي تہ بہ مهرباني.

**شبير هاتف**
14 مئي 2019ع
ڪراچي

| |





Gul Hayat Institute



# زلفن جي چانوَ ۾

Gul Hayat Institute

ڇو ايڏو مضطرب آهين ڇو ايڏو بي قرار
اي يار منهنجو ناهہ تہ پوءِ ڪنهن جو انتظار
ڪيڏو سڪايلن کي ڪرائيندين انتظار
وعدا پروڪي سال جا هيلوڪي سال پار
منهنجو تہ وار وار اِها شاهدي ٿو ڏي
منهنجي تہ ساهہ ساهہ تي بس تنهنجو اختيار
وعدن تي اعتبار تہ آهي مِنا مگر
مون کي هجي جي پنهنجي حياتيءَ تي اعتبار
تون جي اِئين اکين جا اشارا پيو ڪندين
هن بي قرار دل کي ڀلا ڪئن اچي قرار
دل ۾ ٻين جي داخلا ممڪن ئي ڪانہ هئي
ڇوڌاري جو اڏيل هو سندئي پيار جو حصار
زلفن جي ڇانوَ ۾ جي ٻہ تي پل گذارِيم
تن تان سڄي ڄمار جون آسائشون نثار
هي منهنجو حال، ڪيئن تہ وڃان بزمِ يار ۾
دامن ڇيهون ڇيهون ۽ گريبان تار تار



تنهنجي گلاب چهري جون يادون هجن تہ پوءِ
دل ۾ هميشہ ڇو نہ هجي موسمِ بهار
لالہ، گلاب، موتيو سوسن، سمن ٽڙيا
موٽيون مُندون گلن جون نہ موٽيو هُو گلعذار
باغن ۾ رنگ و بو جي عجب ريل پيل آهہ
هن مُند ۾ تہ ساڻ پيارا هجن ۽ پيار
سوچيم ٿي تو سواءِ گذارو ٿئي تہ ڪئن
**هاتف** ڇيو تہ زندگي جئن تئن ڪري گذار
(جون 2010ع، جده)

| |

Gul Hayat Institute

هـن جـي تيـرِ نظـر جـي ڳالهـ ڪجي
پـر نـ زخـمِ جگـر جـي ڳالهـ ڪجـي

عشـق سـچـو تـ پـوءِ مناسـب ناهـ
نالئـ بـي اثـر جـي ڳالهـ ڪجـي

زلـفَ رخ تـان هـٽڻ جـو ذڪـر ڪريـون
يـاطلوعِ سـحر جـي ڳالهـ ڪجـي

عـارض ۽ لـب جـو رنـگ، رعنـائي
گُـلِ تـازه و تـر جـي ڳالهـ ڪجـي

مِيـنهَن جـون موسـمون وري آيـون
هـاڻ ڇـو چشـمِ تـر جـي ڳالهـ ڪجـي

مصـطفيٰ ﷺ جـي نگـر جـي ڳالهـ ڪجـي
هُـن پـلاري سـفر جـي ڳالهـ ڪجـي

دل جـي زخمـن کـي ڇـا ڪنـدا حـاذق
هُـن جـي شافي نظر جـي ڳالهـ ڪجـي

حُسـن جـي در جـا جـي فقيـر هجـن
تـن سـان ڇـا سيم و زر جـي ڳالهـ ڪجـي



قـيس ليلـيٰ ۾ ڇـا ڏٺـو هونـدو
هُـن جـي حسـنِ نظـر جـي ڳالهـ ڪجـي

هـت سـيئي اهـلِ علـم، اهـلِ سـخن
کهـڙي مـون بـي هنـر جـي ڳالهـ ڪجـي

اڄ الائـي ڇـو آهـ يـاد آيـو
هـاتفِ در بـدر جـي ڳالهـ ڪجـي

(جولاءِ 2010ع، جده)

| |

نہ ڪا ٻيڙي نہ ڪو ٽُرهو اڳيان دريا بہ تار آهي
مگر وچڙو تہ آهي منهنجو پَرئين پار يار آهي
اسان بارانِ رحمت پئي گهريو بارانِ زحمت ڇو؟
ڏمر يا شامتِ اعمال اي پروردگار آهي؟
هي سيلابن جا هاڃا، دربدر بي گهر لکين ماڻهو
مٿان ڪم بخت شاهينگن جي هٿ ڪس مارمار آهي
اڳئي جي بي سرو سامان انهن کي پيا ڦُريون لُٽيون
اسان جا ڪم ڏسي شيطان ڪيڏو شرمسار آهي!
بچائي آسماني آفتن کان آسمان وارا
سنڌئي مخلوق ويچاريءَ جو ڏاڍو حال زار آهي
ڏجوان وقت کان جو بک ۾ ماڻهو کائي ماڻهوءَ کي
ڏجان ٿو اهڙي سيلابن کان پوءِ ايندو ڏڪار آهي
مٿان مسند نشينن ۾ اجايو آسرو رکجو
بظاهر اقتدار آهي مگر بي اختيار آهي
سکن پويان جي ڏک آيا ڏکن پويان تہ سک ايندا
”خزان آهي تہ ڇا ٿي پيو خزان کان پوءِ بهار آهي“



گل ۽ بلبل جو افسانو تہ ناهي جو ٻڌي سيڪو
اسان جو پيار پردي ۾ رهي، هو پردہ دار آهي
سندم خاموش اکين مان لڙي جي لڙڪ پيا آهن
محبت جي ڏکهي افساني جو هي اختصار آهي
سنڌئي نوراني چهري کي ڏسي من موت آسان ٿئي
دمِ سڪرات بس تنهن جي اچڻ جو انتظار آهي
اُهي وعدن تي وعدا جي ڪڏهن پورا نہ ٿي سگهيا
اِهي آسائتيون اکيون اُهوئي انتظار آهي
گلن جي مند ناهي پوءِ بہ چئني پاسي گلَ ئي گلَ
هتان شايد لنگهي ويو منهنجو هو جانِ بهار آهي
شبِ تاريڪ هوندي آہ روشن صبح کان پهرين
”خزان آهي تہ ڇا ٿي پيو خزان کان پوءِ بهار آهي“
رڳو هاتف کي هن حالات جي ناهي پريشاني
هتي ڪنهن کي سڪون آهي هتي ڪنهن کي قرار آهي
(3 سيپٽمبر 2010ع
ڀٽ شاهہ جي طرحي مشاعري لاءِ)

| |

Gul Hayat Institute

نہ ڪو سنگي، نہ ڪو ساٿي نہ مائٽ رشتيدار آهي
اسان جي حال جو محرم تہ بس پروردگار آهي
محمدؐ مير جي صدقي اگهائي عرض عاجز جو
الاهي تو اڳيان هاتف سراپا انڪسار آهي

| |



جڏهن ڪجهہ پلن لئي ٿيون ٿي جدايون
لڳو ٿي تہ گذري ويون ڪئين ڏَهايون
اسين مست ماڻهو اسان لئي اجايون
ڇڱايون، مَٺايون، ڀلايون، برايون
نَون دلبرن جي دِلن منجهہ جايون
نوان ٿاڪ ٺاڻا، نوان پَٽ وسايون
هُنن جي پٺيان دربدر ٿي وياسون
اُهي جن جون جوڙيونسين جيءَ منجهہ جايون
وڏن جو ڪٿيو ڪيترو ڪائينداسون
ڪڏهن پاڻ پنهنجو بہ وارو وڃايون
هُنن جو ورڻ ايڏو سولو تہ ناهي
اسين جڻ وِيَل وقت کي پيا وَرايون
اڳي وانگي بيشڪ ٿين بي وفايون
"اچو آزمايل وري آزمايون"
عجب آهہ پنهنجن کان ڏنگجي بہ چئون ٿا
"اچو آزمايل وري آزمايون"

”اڄو آزمايل وري آزمايون“

اڄو پنهنجي مُنهن ۾ وري ڏُوڙ پايون
ٻُڌون پيا تہ محفل ۾ **هاتف** بہ هوندو
هلو هن کان اڄ ڪجهہ ٻُڌون ۽ ٻُڌايون

(پٽ شاهہ طرحي مشاعري لاءِ)



ڇوٽي هَر هَر چڙهي جُتي منهنجي
اڄ متان هُن کي سار ٿي منهنجي!
لوڪ مشهور عاشقي منهنجي
پوءِ بہ هُن کي خبر نہ پَئي منهنجي
آخري وقت تي جي پهچي ويو
تہ سجائي ٿي زندگي منهنجي
مصطفيٰ جو غلام ڪوٺيو ٿا
ڪهڙي تعريف ٻي ڪبي منهنجي
عشق مجبور، حُسن بي پرواهہ
آهہ آڪاٽي ايتري منهنجي
بس وِيَل وقت کي سنياريون پيا
ٻيو ٻيلا ڇا ڪري ٿَهي منهنجي
هن بچائي ڇڏي جا پيالي ۾
پياس ان سُرڪ مان لٿي منهنجي
زندگي ۾ ڪئين حسينَ مليا
دل فقط توسان ئي لڳي منهنجي

Gul Hayat Institute

هيتــــرا اهـــلِ علـــم، اهـــلِ ســــخن
شرمســـــار آهــــ آگهــــي منهنجــــي

هـــــي نــــ آهـــي كـــو هـــاتفي آواز
هـــيءَ تـــ بــس آهــي شــاعري منهنجــي
(آگسٽ 2011ع، جده)



”طبيبِ مهربان وقتي شفا مان ڇا ڀلا ڏينـدو“
پرين ڀِـڪ جـو ملـم رکنـدو اِفـاقو ديرپا ڏينـدو

خبر هونـدي تـہ مـرضِ عشـق آخـر لا دوا ڏينـدو
اسان مان هر ڪو ڄاڻي واٽي ويو پئي مبتلا ڏيندو

وڇڙ جي مهل ڪئن پئي موڪلايوسين کلي خوش ٿي
نـہ ڄاتوسـين وڇـوڙو ايتـرو صـبر آزمـا ڏينـدو

پراڻا قول پـارئي يـا نـہ پـارئي سـڀ وسـاري ڇڏ
هزارين ڀال ڀائيندس جي هي وعدو وفـا ڏينـدو

توهڪ پيروئي مون ڏانهن ڇوراکين سان نهاريو هو
انهيءَ جو ڏسجئين ڇوڀول ڏيندو، جا بجا ڏينـدو

حياتيءَ جو سفينو حرص جي گـرداب ۾ ڦاٿـل
بچڻ ممڪـن تـہ آهي پر خدا جي ناخـدا ڏينـدو

مرڻ برحقّ پر سـڪرات ڪجهہ آسان ٿي ويندي
اگر محبوب جو مون لئي مٿي دستِ دعا ڏينـدو

ٻڌون ٿا هيل مکڙيون گل ٿيڻ کان اڳُ سڪي وينديون
اِئين فصلِ بهار آئي تـہ پوءِ بلبل جو ڇا ڏينـدو؟

اگر سوري سڏيندي سپ ڳَنَ تي هٿ رکي پڇندا
تلها نعرا هڻڻ لئي هر ڪو هَر هَر همنوا ٿيندو

ڪسيري جي ٻہ قيمت ناهہ **هاتف** جي زماني ۾
پرين پارس جي هٿ لائي تہ بيشڪ بي بها ٿيندو

(آگست 2011ع، ڀٽ شاهہ طرحي مشاعرو
رمضان جي عيد)

| |



تو تہ بس هو بي اراده مُرڪِيو
لوڪ تاهيون ڪيڏِيُون آڪاڙِيون
ڪاش ماڻهن جو چوڻ سچ ٿي پوي
ڪاش ڪنهن ڏينهن ساٿ تنهنجو ماڙِيُون

(20 آڪٽوبر 2011ع، جده)

| |

Gul Hayat Institute

هِت تہ آهي ڪوڙ جي بازار گرم
سچ جو سودو ڪهڙي هَٽ تان آڻيُون؟

| |



سرِ عام ڪُليو ڪُلايو ڇڱون ٿا
محبت ڪيون ٿا محبت ڪيون ٿا
نہ مندر وڃون ٿا نہ مسجد وڃون ٿا
دِريار تي بس ٿيون سرنگون ٿا
اکين جي ڪٽورن مان سُرڪي چکون ٿا
ستن آسمانن کي ڪن ۾ ڇُهون ٿا
ڪڏهن جي گلابي بدن کي چُمون ٿا
تہ هر دم گلن وانگي ٽڙندا رهون ٿا
چمن جي اُنهيءَ رنگ لئي چو سِڪون ٿا
جي مکڙيون ٽڙڻ کان بہ اڳ ۾ ڇِنون ٿا
پرايون ڀَريون پنهنجي سرتي کڻون ٿا
اِئين زندگي جو سفر طئِ ڪيون ٿا
اسان جن کي جيءَ منجھ جايون ڏيون ٿا
انهن کي ڪندن وانگي اک ۾ لڳون ٿا
ڪريون دوستن جون اميدون بہ پوريون
اگر دوستن ۾ اميدون رکون ٿا

Gul Hayat Institute

هي يارن سان ڏي وٺ تہ هلندي رهي ٿي
خوشيون ٿا ڏيون درد ۽ غم وٺون ٿا

اڇي پيو اڇي پيو اَڇي کو ٻُڌائي
اڇان ٿو اڇان ٿو تہ اَٺهئي ٻُڌون ٿا

اِهو هُو ۽ هُن جي اها بي نيازي
”غزلَ گيتَ الائي تہ ڪنهن لئي لکون ٿا“

اسان جي اها عاجزي ڇو ٿا سمجهو
پريل ٿار ميوي جا آهيون، جُهڪون ٿا

سِڪڻ جون سڏون جي ڪريو ٿا ڪريو پر
ڏسو ڇو نہ **هاتف** جو حالِ زبون ٿا

(9 نومبر 2011ع
پٽ شاهہ-طرحي مشاعري لاءِ)



آئون تہ ڪنهن ليکي ۾ ناهيان مون کي ڪو نہ ٿو سارين يارَ!
موتين جهڙا لڙڪ پلا تون ڪنهن جي لائي پيو هارين يار!

اهڙو ڪو ڏينهن ايندو جو تون منهنجي راهہ نهارين يارَ؟
منهنجي اوسيئڙي ۾ جاڳي جاڳي رات گذارين يارَ!

اڻ ڪوڙين جو قدر بہ ٿيندو اهڙي ڪاخوشفهمي ناهہ!
پر ۾ وهارين يا نہ وهارين در تان ڪيم ڌڪارين يارَ!

تنهنجي نشيلي نيڻن جو سنهن آئون سپ نشّا ترڪ ڪندس
تنهنجي نشيلي نيڻن مان جي هڪڙي سُرڪ پيارين يارَ!

هيءَ حياتي تنهنجي نالي سَوَ هجن ها سي بہ سندئي
تو وٽ مون لئي هڪ پل ناهي جو تو مون سان گهارين يارَ!

اهڙو وقت بہ هو جو مون ري تنهنجي ساعت ڪا نہ سَري
آهي ڪو امڪان جو اهڙي وقت کي واپس وارين يارَ!

تون وئين ۽ تو سان گڏ جذبن جي گرمائش وئي
هاڻ پَرِي کي پاڪر پائي باهہ برهہ جي ٻارين يارَ!

تنهنجي منهنجي وچ ۾ حائل آهہ جدائيءَ جو درياءَ
تون ئي پيڙي، تون ئي ناکئو تون ئي پار اُڪارين يارَ!

جيسين رات حياتيءَ واري باقي آهي تيسين شالَ
تنهنجي ڪچ ۾ ڪنڌ هجي تون لولي ڏيئي سمهارين يارَ!

هن جو وعدو پاڙيءَ ڦوڙو هُو تہ اچڻ وارو ئي ناهہ
**هاتف**! ڪنهن جي لئي پيو آڱنڌ پنبڻين ساڻ ٻهارين يارَ!
(8 مارچ 2012ع، حيدرآباد/جده)



# نعت

جيستائين نہ مون تنهنجي چائنٺ چُمي
زندگيءَ ۾ لڳو ٿي هئي ڪا ڪمي
منهن جو اوهي نہ واهي نہ سنگي سڄڻ
بس سنڌءِ آسرو اي شہِ هاشمي
راهہ تنهنجي ڪان گمراهہ ڪئن ٿي سگهون
نفسِ ابليس تي جو ڪريون پيا رَمِي•
تون تہ سارو عطا تون تہ سارو ڪرم
آئون سارو خطا آئون سارو ڪمي
حال اورڻ جي ڪنهن کي ضرورت نہ پَئي
تو ڏٺي پئي سڀن جي اکين جي نمي
پنهن جي در تي پڄائڻ جو حيلو ڪريو
سِڪَّ وارن جا سڀ قافلا ويا رمي
هُو مديني جون راتيون مديني جا ڏينهن
هر گهڙي گذري بي گوندري بي غمي
تن مان هڪَ هڪَ جو ملهہ آهي موتين جي مُٺ
لڙڪ جي پيا غمِ مصطفيٰ ۾ ٿِمي
آفتاب♥ آ سڏيو هل تہ **هاتف** هلون
اج اُتي نعت جي آهي محفل ڄمي
(15 جون 2012ع، جده)

---

• حج جي موقعي تي منيٰ ۾ شيطان کي پٿريون هڻڻ
♥ عزيزم آفتاب شاهہ ڄاموٽ

Gul Hayat Institute

# نعت

مديني ۾ ويچي ڪو بي سرو سامان مون جهڙو
پري جهوليون اچي ٿو هر ته‍ِي دامان مون جهڙو
هجي ڪو بي هنر، بي علم، بي عرفان مون جهڙو
محمّد مير جي صدقي ملي ٿو مان مون جهڙو

(20 جولاءِ 2012ع، مدينه منوره
پهرين رمضان المبارڪ 1433ھ)



نه مان بلبل نه مون کي فصلِ گُل جو انتظار آهي
محبت لاءِ هر ڪا مُندَ هوندي جڻ بهار آهي
جي ڪنهن سان دل گهريو دلدار، دلبر همڪنار آهي
ته ان جي زندگي ڪيڏي نه هوندي خوشگوار آهي
اُهو انجام تنهنجو ۽ اُهو قول ۽ قرار آهي
”اُهوئي آئون آهيان ۽ اُهوئي انتظار آهي“
نه ڪو خنجر، نه ڪو ڀالو نه ڪو تير ۽ ترار آهي
اِنهي قتلام جو يارو سبب ابرو جو وار آهي
محبت جون عجب آڪاڙيون هِن ۾ لڪل آهن
ڀني تي لڙڪ هڪڙو جو ڪريو بي اختيار آهي
ڪڏهن خون رنگ اهڙا ڪو نه ٿيا باغِ وطن جا گُلَ
عجب انداز سان هيلوڪي سال آئي بهار آهي
جڏهن ڪان چندَ چهرو آسمانِ دل تي چمڪي ٿو
حياتي تابناڪ آهي حياتي تابدار آهي
اگر عزمِ سفر پختو ته پو منزل بنهه ويجهو
ڀلي اونداهي رات آهي ۽ رستو خاردار آهي
ستمگر هِت سزا کان ۽ جزا کان بي نياز آهن
هُنن رشتو ڪيو اهلِ قضا سان استوار آهي

Gul Hayat Institute

مون کي منظور ناهي رحم منهنجي خستہ حالي تي
اها مون دوستن کي استدعا ڪئي بار بار آهي

سڄڻ، دشمنَ، پرايا پنهنجا سيني کي سيڱاٽان ٿو
رکيو مون دل ۾ هر رشتي جو خانو ڏار ڏار آهي

جڏهن کان ٿيو ڪرم شبير جي نانيءَ جو هاتف تي
تڏهن کان ڪامياب آهي تڏهن کان ڪامگار آهي

(آگسٽ 2012ع، 1433ھ
پٽ شاھ طرحي مشاعرو، رمضان جي عيد)

| |



## سندھی سلام کا ترجمہ:

اگرچہ بے سر و ساماں حسین، آلِ حسین
وہاں پہ دیدنی تھا جاہ اور جلالِ حسین

الاہی صبر کی دولت دے ہم ہیں آلِ حسین
ہمیں تو چاہیئے ورثہ میں ایسا مالِ حسین

ہمارے ساتھ ستارے بھی مرثیہ خواں ہیں
رہے گی تا بہ ابد اس طرح مقالِ حسین

کٹا کے کنبہ چلا سر بہ کف سوئے مقتل
مثال ایسی شجاعت کی بس مثالِ حسین

کبھی گلوں بہ نظر ہے کبھی ستاروں پر
کہ ان میں ڈھونڈتا ہوں عکسِ خدوخالِ حسین

اُس آنکھ کو تو کھلادونگا چیل کوؤں کو
اُس آنکھ کو نہ رُلائے جسے ملالِ حسین

ہوئی ہے تیروں کی یلغار پھر بھی سر بہ سجود
یہ ہے کمالِ شجاعت یہ ہے کمالِ حسین

حسین ابھی دل و جان میں زندہ پائندہ
اگرچہ ہوگیا دنیا سے انتقالِ حسین

Gul Hayat Institute

مرا سلام ہے اس صبر و استقامت کو
کسی نے دیکھا نہ مقتل میں اشتعالِ حسین

میں کیا کرونگا بھلا عطر، مشک، عنبر کو
دماغ کو جو معطر رکھے خیالِ حسین

صفاتِ ربّ صفات رسولؑ میں ظاہر
صفاتِ مصطفیٰؐ کا پرتو جمالِ حسین

یہ کیا گناہ تھا باطل سے ہم جو ٹکرائے؟
ہے مجھ سے، آپ سے، سب سے یہی سوالِ حسین

(6فروری 2005ء
ریڈیو پاکستان کے محفل مسالمہ کے لئے
سندھی میں لکھے سلام کا اردو ترجمہ)

| |



یہاں وہاں نظر آئے حسین کے حبدار
یہاں وہاں پہ ملے گی حسین کی اولاد
کبھی سنا ہے یا دیکھا کسی نے آلِ یزید
حسین آج بھی زندہ یزید مردہ باد

| |

Gul Hayat Institute

## نعت

بدکار، سیاہکار، گنہگار، خطاکار
بدیوں، کا گناہوں کا، خطاؤں کا لیے بار
اِس آس پہ **ہاتف** ہے چلا راہِ عدم کو
ہوگا جو وہاں سیدِ ابرارؐ مددگار

| |



کیوں سُنے کوئی داستان غم کی
اس لئے اپنی بات کمکم کی
وہ بہ ظاہر تو بے تعلق تھا
پر خبر رکھ رہا تھا دمدم کی
جتنی باتیں ہوئیں وہ آنکھوں میں
گفت و گو کی بھی تو بہت کم کی
اپنی اوقات بس ہے اتنی سی
جس قدر دھوپ میں ہو شبنم کی
گردشِ روز و شب کی بات نہیں
یہ ہے اُس رخ پہ زلفِ برہم کی
وہ شہِ رگ سے بھی قریب ملا
جستجو جس کی ہم نے پیہم کی
زخمِ دل پہ جو اس نے ہاتھ رکھا
پھر ضرورت رہی نہ مرہم کی
دوستوں کی کمی نہیں، لیکن
بس کمی ہے تو ایک ہمدم کی

Gul Hayat Institute

اپنے ہی خون سے بجھائی پیاس
یہ جبلّت ہے ابنِ آدم کی
لے کے میت کو شہر شہر پھرے
آجکل یہ ہے ریت ماتم کی
جو بھی **ہاتف** کو عزتیں ہیں ملیں
ہے عنایت حضورؐ اکرم کی
(یکم جون 2013، جدہ)



کبھی تو کوچۂ جاناں میں جانا بھول جاتا ہوں
جو جاتا ہوں تو جاکر لوٹ آنا بھول جاتا ہوں
میں اپنے آپ سے وعدہ تو کرتا ہوں بُھلانے کا
مگر پھر عادتاً اس کو بُھلانا بھول جاتا ہوں
بہانے سے درِ محبوب پہ جاتا تو ہوں لیکن
جو پہلے سوچ رکھتا ہوں بتانا بھول جاتا ہوں
ہمیشہ کی طرح آنکھیں بچھیں ہیں اس کی راہوں میں
ہمیشہ کی طرح اس کا نہ آنا بھول جاتا ہوں
بہت باتیں بناتا ہوں بہت قصّے سناتا ہوں
مگر جو آپ بیتی ہے بتانا بھول جاتا ہوں
وہ آئیگا نہ آئیگا، یقیں بھی بے یقینی بھی
اُسے میں اس تذبذب میں بُلانا بھول جاتا ہوں
تجربوں نے سکھایا ہے یہ گُر یاری نبھانے کا
نیا پتّا الٹتا ہوں پرانا بھول جاتا ہوں
وہی دو چار پل جو ساتھ گذرے یاد رکھتا ہوں
جو باقی ہجر کا سارا زمانہ بھول جاتا ہوں

Gul Hayat Institute

اچانک یوں مجھے بیٹھے بٹھائے یاد آیا ہے
بَھلا میں خود سے کیوں ملنا ملانا بھول جاتا ہوں
یہاں سجدوں کا یہ عالم کہ کس کو ہوش رہتا ہے
جھکا کر سنگِ در پہ سر اٹھانا بھول جاتا ہوں
(جون 2013، جدہ)

| |



وہ ہر شب اُس کا یوں بانہوں میں آنا یاد آتا ہے
کھلی آنکھوں کا یہ سپنا سہانا یاد آتا ہے

| |

Gul Hayat Institute

نيٺ واعظ کي محبت ٿي وئي
عشق تي فتويٰ عبادت وئي
پوري هڪ ديرينہ حسرت ٿي وئي
اوچتو هُن جي زيارت ٿي وئي
يار کي مون سان محبت ٿي وئي
جا ڪهاڻي هئي، حقيقت ٿي وئي
ويا سيئي ميسارجي حرف ۽ حساب
”هو هلي آيو عنايت ٿي وئي“
عشق هڪ ٻئي ۾ سمائي هڪ ٿيڻ
عشق ۾ ڪثرت مان وحدت ٿي وئي
پونر وانگي جي پِرن گُلَ گُلَ مٿان
عاشقي تن جي تہ عادت ٿي وئي
مون ڪئي ليليٰ حق جي آرزو
قيس سان جا ٿي، عقوبت ٿي وئي
يار وٽ هئي دعوتِ نظّاره عام
ان طرح منهنجي بہ دعوت ٿي وئي



لوڪَ لئي محشر الائي ٿئي ڪڏهن
هو ويو منهنجي قيامت ٿي وئي
مون گدا جو ڪم صدا، سا مون هَنئي
پر سخين جي واڪِي پت ٿي وئي
هر طرف ماڻهو ئي ماڻهو پوءِ بہ هِت
ماڻهپي جي ڪيڏي قلّت ٿي وئي
منهنجي هِن فرزانگيءَ جو هڪ سبب
چند ديوانن سان صحبت ٿي وئي
نعرهٔ حق هر دفعي ٿيو اڻ ٻُڌو
پر ائين اِتمام حُجّت ٿي وئي
اک وجهي اک ۾ جي ڳالهائڻ سکيا
تن جي ڪمزوري بہ طاقت ٿي وئي
واڪ **هاتف** جو لڳواج چوڪ تي
گهٽ ڪسيري ڪان بہ قيمت ٿي وئي
(31 جولاءِ 2013
پٺ شاهہ تي طرح مشاعره لاءِ)

| |

Gul Hayat Institute

عشق نہ آهي خواري آهي
منهنجي توبہ زاري آهي
مون تہ ڏُکاري گهاري آهي
توکِيئن رات گذاري آهي!
توريءَ آئون اڪيلو ناهيان
دردن سان ڇوياري آهي
ڪُليل اکين جي خوابن ۾
مون سان منهنجي پياري آهي
جهوپا ٻاري ٿَنَ سيڪياسون
ماڻهن ليکي ڏياري آهي
دل جا زخم وري ٿيا ساوا
باغ ۾ آئي بهاري آهي
سَتَ حياتين جي پڪ ناهي
هيءَ تہ تو تان واري آهي
لڙڪ ڏين وانگي ٿا چمڪن
نيڻن منجهہ ڏياري آهي
ظاهر ۾ خوش خورّم آهيون
”ڳڻين دلڙي ڳاري آهي“



دل جون ڪُنڊون وانديون ناهن
هر ڪا تو والاري آهي
يار اِئين ڇو ڳالهائين ٿو
ڇڄ ڪا لٿ الاري آهي
هِن پڙ ۾ هر ڪنهن لئي هر دم
فيض لطيفي جاري آهي
دل جو سودو ڏاڍو سستو
هاتف جي مُڪياري آهي
(18 آڪتوبر 2013ع
ڀٽ شاهہ طرحي مشاعرو)

| |

Gul Hayat Institute

ایک دو پل کی بات ہے یارو
کوئی لمبی نہیں سنانی ہے
عشق مجبور حسن بے پرواہ
اپنی اتنی سی ہی کہانی ہے
(18نومبر2013،جدہ)



## نعت

جس کو ہادی کی ہدایت ہوگی
جس پہ آقا کی عنایت ہوگی
اُس کی دنیا میں تو عزّت ہوگی
آخرت میں بھی شفاعت ہوگی

Gul Hayat Institute

## نعت

مدینے سے پرے جو پل گذارے
ہمیں اب اُن کی بھرپائی عطا کر
ہو کچھ ادراک تیری رفعتوں کا
جنوں کو ایسی دانائی عطا کر
رخِ انور کے جلوے دیکھ پائیں
ان آنکھوں کو وہ بینائی عطا کر
جنھیں قربت ملی ہے خلوتوں میں
ہمیں ان کی شناسائی عطا کر
تری مدحت کی خوشبوئیں بکھیریں
خیالوں کو وہ رعنائی عطا کر
غلاموں میں ہمارا نام بھی ہو
کچھ ایسی عزت افزائی عطا کر



## نعت

ہے کوئی ان جیسا تنویرِ مجسم ہے کوئی!
جس کی آمد سے منور سارا عالم ہے کوئی!

اے بشر یوں ہی نہیں ان کا لقب خیر البشر
جو سراپا نور ایسا ابنِ آدم ہے کوئی!

مصطفیٰؐ سے پہلے آئے لاکھ سے اوپر نبیؐ
سب مکرّم، پر نبی ان سے مکرّم ہے کوئی!

حضرتِ آدم سے لیکر انبیاء کا جیش تھا
پر محمدؐ کے سوا ان کا مقدّم ہے کوئی!

بس مدینے میں ہی ہوگا اپنے زخموں کا علاج
اس درِ اقدس کی مٹی جیسا مرہم ہے کوئی!

وہ رحیم، اور وہ کریم اور وہ نعیم ایسا کہ بس!
ایسا ارحم، ایسا اکرم، ایسا انعم ہے کوئی!

وہ حکیم، اور وہ سلیم اور وہ عظیم ایسا کہ بس!
ایسا احکم، ایسا اسلم، ایسا اعظم ہے کوئی!

مصطفیٰؐ کا غم تو جسم و روح کی آسودگی
غم تو دنیا میں بہت ایسا بھلا غم ہے کوئی!

(22جنوری2014،جدہ)

Gul Hayat Institute

میری باتیں میرے بول
کوڑیوں کا کیا ہے مول!
بات میں کچھ ہو وزن
بولنے سے پہلے تول
بات جو دل کو لگے
بس اسی کا ہی ہے مول
کہہ دے جو کہنا ہے سچ
چھوڑ دے یہ تول مول
گھوم کر آئے وہیں
کیا کریں دنیا ہے گول
اک گدا کی سن صدا
دل کا دروازا تو کھول
اے میرے شیریں دہن
کوئی میٹھا بول بول
ایسا میٹھا بول بول
جیسے ہوا انور رٹول
موت بھی میٹھی لگے
زہر میں کچھ شہد گھول
روتی آنکھوں سے کہا
یوں نہ کھولو میرا پول
وہ تو پردہ دار ہے
پیار کا مت پیٹ ڈھول

(12مارچ2012،جدہ)



نہ خیال کی ہیں بلندیاں نہ فصاحتوں کا کمال ہے
میری شاعری میں جو رنگ ہے وہ کسی کا رنگِ جمال ہے

میں پھرا جہاں میں چمن چمن جہاں رنگ رنگ کے پھول تھے
وہ تمام رنگ تھے اک طرف یہاں ایک رنگِ جمال ہے

جو تھا پہلی بار کے ملنے پر میرا آج بھی وہی حال ہے
میرا عشق اب بھی کمال پر مری زندگی کا زوال ہے

تیری خودسری سے اے خودپسند میری عاجزی کا سوال ہے
وہ ہمارا باہمی رشتہ کیا اُسی طور سے ہی بحال ہے؟

تیرے کہنے پر تجھے چھوڑ کر تجھے بھول جاؤں محال ہے
یہ اگر تمہارا خیال ہے تو حضور خام خیال ہے

شب و روزِ ہجر و فراق کا نہ ملال تھا، ملال ہے
میری موت پر تو وہ آئیگا یہ بھی ایک رسمِ وصال ہے

میرا جام ومئے سے جو رشتہ ہے اس سے کہہ رہے ہو حرام ہے
تیری آنکھ میں جو شراب ہے وہ پلا کہ وہ تو حلال ہے

Gul Hayat Institute

کبھی غیر دست رسی کریں کبھی دوست دست کَشی کریں
”کبھی خار وجہِ نشاط ہے کبھی پھول وجہِ ملال ہے“

وہ جو دل پہ دستِ شفا رکھے تو مریضِ عشق بھی جی اٹھے
یہ جو حال **ہاتفِ** خستہ تن کا تو اس کا بچنا محال ہے

(24جون2014، کراچی
جدہ میں حلقہ دانش کے طرحی مشاعرہ کے لئے لکھا)

| |



نغما بلبل جا، گلن جي تازگيءَ جي ڳالھہ ڪر
زندگيءَ جي ڳالھہ ڪر تون، زندگيءَ جي ڳالھہ ڪر

صبح جو ونڊ ۾ پکين جي لات ٻڌندي انءِ لڳو
آئون، تون، سڀ زنده آھيون، زندگيءَ جي ڳالھہ ڪر

موت مِٺو ناھہ پوءِ ڇو موت جي ڊپ ۾ جيون
زندگي آھي غنيمت زندگيءَ جي ڳالھہ ڪر

”زندگي زنده دليءَ جو نانءُ“ ڪنھن ڏاھي چيو
ان ڪري زنده دليءَ سان زندگيءَ جي ڳالھہ ڪر

رات تنھنجي پاڪرن ۾ ڏينھن ۾ زلفن جي ڇانوَ
يار اڄ مون ساڻ اھڙي زندگيءَ جي ڳالھہ ڪر

ڪجھہ سدا سھڻي جي ڇھري جي چمڪ جو ذڪر ٿئي
ڪجھہ وري ھُن چنڊ جي شرمندگيءَ جي ڳالھہ ڪر

ياد رک بس يار جا ڪي قرب وارا چار پلَ
ٻي نہ ساري عمر جي بيگانگيءَ جي ڳالھہ ڪر

حيثيت انسان جي صحرا ۾ واريءَ جو ڪڻو
پوءِ بہ ايڏو ڪِبر بندا؟ بندگيءَ جي ڳالھہ ڪر

Gul Hayat Institute

چـو ٻـين جـا عيـب چسـڪي سـان ٻڌائينـدو وتـين
پهرين تون پنهنجي اندر جي گندگيءَ جي ڳالهہ ڪر

منهنجي هيءَ خواهش تہ هر ڪنهن کان ملي بي لوث پيار
هـا اهـا ديـوانگي، ديـوانگي جـي ڳالهـہ ڪـر

تـون فقيـرن جـو نـہ ڏس گنـدو بـدن گنـدو لبـاس
بس هُنن جي روح جي پاڪيزگيءَ جي ڳالهہ ڪر

آزمايـل دوسـتن ڪـي آزمـائڻ ٺـو گهـري
سادگي **هـاتف** جي ڏس ان سادگيءَ جي ڳالهہ ڪر

(13 سيپٽمبر 2014ع
پٽ شاهہ جي طرحي مشاعري لاءِ)

| |



وسـارڻ گهـرو ٿـا وسـاري ڇـڏيو
انهيءَ ڪـان اڳـي مـون ڪـي مـاري ڇـڏيو

رڳـو شـيخ ڪـي ٿـورو پيـاري ڇـڏيو
پـوءِ فتوائـون حـق ۾ ڏيـاري ڇـڏيو

رهيـو يـاد هـڪ پيـرو مرڪـي ملـڻ
ٻيـو جـو ڳئـين مـون وسـاري ڇـڏيو

سـرِ رهـہ مليـو ڏاڍو مرڪـي مليـو
وِيـَل وقـت هُـن جـڙ تـہ واري ڇـڏيو

ڪـي آسـائتا اُت ئـي بيٺـا رهيـا
ويـڇڙ وقـت هُـن جِـت ٻيهـاري ڇـڏيو

جـي دل منجهـہ ديـرو هجـي دوسـت جـو
تـہ بـس نـيڻ نـائي نهـاري ڇـڏيو

اسـان وصـل و فرقـت کـان ٿـي بـي نيـاز
سـڄڻ ڪـي اکـين ۾ ويهـاري ڇـڏيو

نـہ اڇٽـو نـہ آيـو نـہ اينـدو مگـر
اڱـڻ عادتـاً مـون ٻهـاري ڇـڏيو

Gul Hayat Institute

ڏسون اڄ تہ ڇا ٿو سخين کان ملي
اسان روز وانگي پڪاري ڇڏيو

ڏسي مون کي هن مُنهن ورائي ڇيو
اڙي اڄ تہ **هاتف** کي ٽاري ڇڏيو
(21 سيپٽمبر 2014ع)

| |



آنکھ سے موسلا دھار بارش کے بعد
دل کا تھر تھا کہ پھر سے ہرا ہو گیا
زخم پھولوں کی مانند کھلتے رہے
ایک صحرا بھی گلزار سا ہو گیا
(10 اگست 2014، کراچی)

| |

Gul Hayat Institute

مہربانوں نے در و دیوار چھت چھینی مگر
یہ کرم کیا کم کہ سر پر آسمان رہنے دیا

| |



رخ تان زلفن جا پري پردا ٿيا
نيت سڀ ڪارا اڇا پڌرا ٿيا
پاڻ ۾ جي مسئلا پيدا ٿيا
تنهنجي هڪڙي مُرڪ سان سولا ٿيا
توتي جي شاھ و گدا شيدا ٿيا
قيس ءِ مون وانگي سڀ رسوا ٿيا
ڪي وَنَين جا ور ٿيا، لاڏا ٿيا
ڪي محبت ۾ رڳو رسوا ٿيا
مون تان هڪ پيرو نہ تو پيرو ڪيو
غير تان پيرا ڳئين پيرا ٿيا
پاڻ سان جانِ بهار آندي بهار
دل جي گلشن جا سُڪا ساوا ٿيا
لڙڪ نيڻن مان ڪريا بي اختيار
پوءِ پنهنجا راز ڳئين افشا ٿيا
جيڪي ماڻهن کي چريا ڪريا لڳا
تن جي صحبت ۾ ڳئين دانا ٿيا
(25 جنوري 2015، ڪراچي)

| |

Gul Hayat Institute

موسمِ گُل چوطرف چوڏار گُلَ
يار گڏ ناهي تہ سڀ بيڪار گُلَ

ڪونہ جيئري ٽيا ڳچيءَ جوهار گُلَ
مَنَ قبر تي ڪوجهي ٽي چار گُلَ

يا هِنن سان پيار جو اظهار ٿئي
يا تہ ميّت جو ٿِيَن سينگار گُلَ

هُن جي وارن ۾ لڳل موتيا گُلابَ
روح جي راحت اکين جو ٺار گُلَ

هت ڇپن جي يا ڳلن جي ڳالهہ ناهہ
هن جو هر اهڃاڻ هر ڪو پار گُلَ

جي ڪپي هن دور ۾ حق جو حصول
حاڪمن کي زر ڏَئي پوءِ وار گُلَ

جنهن چمن ۾ بلبلون باندي هجن
اُن چمن کي پيل ان جا ٻار گُلَ

ڳئين جنم ڏينهن بس اِئين گذري ويا
ڪنهن نہ **هاتف** کي مُڪا هڪ وار گُلَ



سڀ پيالي پائي ٿي ويا پارسا هن عمر ۾
مون بہ جام و مئي سان رشتا ٽوڙيا هن عمر ۾

ٻيو اسان پارن کان ڇا ٿيندو ڀلا هن عمر ۾!
پيا جوانيءَ جا ڪٿيون ڪوڙا قصا هن عمر ۾

ڇا ڪنديون ڦَڪيون، سُٽيون، دارون دوا، هن عمر ۾
ڪو اچي دل تي رکي دستِ شفا هن عمر ۾

بس پري کان ئي ڏسيو ويٺا اکيون ٺَڏيون ڪريون
عشق جهڙا ڪم ڪبا ڪِئين برملا هن عمر ۾

مون حياتيءَ ۾ نہ ڪنهن کي ڳالهہ ڪا منهن ۾ ڏني
هاڻ يارن ساڻ ڇا ليڪا ڪبا هن عمر ۾

بزم ۾ پنهنجن پراون جو گلائون خوب ٿيون
اڄ تہ هڪ ٻئي لئي ڪريون گڏجي دعا هن عمر ۾

عشق ويچارو اجايو ئي ٿيو بدنام آهہ
ورنہ هر ڪو مرض آهي لادوا هن عمر ۾

تنهنجا منهنجا هو پيڻ ڪائڻ جا ڏينهن گذري ويا
اڄ ڪريون هاڻي اکين جا ئي نشا هن عمر ۾

جي خدا جي خوف کان عاري رهيا ساري ڄمار
اوچتو تن کي بہ ياد آيو خدا هن عمر ۾

جيئن ضرورت ٿي وڌي ڪنهن همنوا همراز جي
تئن وڌن ٿا دوستن ۾ فاصلا هن عمر ۾

اڄ سڀاڻي، هفتي ٻن ۾، مهينو ڪن، آئينده سال
ڪيترا وعدا ڪَئي ڪو ڪر وفا هن عمر ۾

دوستو منهنجا ڏجو اُن کي ادب سان سو سلام
جي ملي ڪو با مروّت با وفا هن عمر ۾

ڪا توقع رک نہ ڪنهن ۾، ڪنهن ۾ ڪا حجّت نہ سار
پاڻ سان **هاتف** ڪيا هي واعدا هن عمر ۾

(20 اپريل 2015، ڪراچي)

| |



دوستن ڏانهن دوستن جي هٿ وڌايو دوستو
هَٿ ڏئي هَٿَ ۾ سڀئي ويڇا وڃايو دوستو

مون تہ هر ڪنهن ساڻ پئي ناتو نڀايو دوستو
پوءِ مون کي ڇو ٿا هر هر آزمايو دوستو

حال هي سڪرات جو هُن کي سڻايو دوستو
خير آهي جي سڄڻ آيو نہ آيو دوستو

يار بي پرواهہ پلا ڇو ايندو منهنجو منهن ڏسڻ
هن کي بس اتمامِ حجّت لئي ٻڌايو دوستو

عشق ري ڪوڙيون نمازون عشق ري ڪوڙا درودَ
"عشق جي ناهي تہ آهي سڀ اجايو دوستو"

عشق اونداهن گسن جي لاءِ مشعل جي مثل
عشق ري منزل جو شوق آهي اجايو دوستو

عشق يڪ طرفو تہ پوءِ خواري ئي خواري قيس جيئن
اهڙي ڪا سودا متان سر ۾ سمايو دوستو

راتَ جا خوشبوءِ هئي سا هُن جي وارن جي تہ هئي
راتِ جي راڻي ڇئي ڇو ٿا پلايو دوستو

Gul Hayat Institute

زندگيءَ جي رات ۾ ڪيڏو سهائو ٿي ويو
جئن ئي هڪ مهتاب رُو جلوو ڏسايو دوستو

ڇا اهو بلبل جو ڀاڳ آهي تہ زندان ۾ رهي!
اهڙو دستورِ چمن هڪدم مٽايو دوستو

جت نہ ڪو ڪينو ڪدورت، جت رڳو الفت پيار
هاڻي ڪي اهڙيون نيون وسنديون وسايو دوستو

جي هميشہ بس رڳو گفتار جا غازي رهيا
تو ڪي مون ڪي ٿا چون سوري سجايو دوستو

ملڪ ۾ هِنَ هڻ هٺاڻ ۾ وٺ وٺان جي دور ۾
بي گنہ هوندي بہ پنهنجي پڳ بچايو دوستو

هو نہ مُڙندو يار وٺ اڻ ڪوٺيو ويندو ضرور
چو ٿا هاتف سان اجايو سر ڪپايو دوستو

(27 سيپٽمبر 2015ع
پٽ شاهہ طرحي مشاعرو عِيدالاضحيٰ)

| |



# عيد

هي جي هڪ ٻئي کي خوشي ساڻ مبارڪ ٿا ڏين
تن کي عرض آهي سڄڻ کي ڪو ويچي سمجهائي
ڪو تعلق نہ سهي يار تہ رسماً ئي سهي
موقعو عيد جو آهي اچي ڀاڪر پائي

چشمِ قاتل کي کُهڻ سان ئي ڪم
ڪير ڏوهي هجي يا ٻي ڏوهي
عيدِاضحيٰ اچي ٻارهين مهيني
يار وٽ ڪوس هلي ٻاروهي

هو نہ آيو نہ اچڻ جو امڪان
اِهي عيدون پيون ايندريون ويندريون
پوءِ بہ هر سال اميدون ساڳيون
عيد تي پنهنجون بہ عيدون ٿينديون

ڳري مانُ سَنمّانُ پامال منهنجو
رقيبن سان گڏ ويو هو لڇپال منهنجو
هي عيدون برادون تہ هُن ساڻ آهن
هُو ناهي تہ هولي نہ ناتال منهنجو

(18 سيپٽمبر 2015
عيدالاضحيٰ 1436هہ جي موقعي تي ريڊيو پاڪستان
ڪراچيءَ جي مشاعري لاءِ لکيل)

| |

# سلام

زبانَ خشڪ ٻڏل پيٽ تي پٿر آهن
عدو جي سامهون بيٺا ڳشي ڪمر آهن

حياتي ڏيئي ويا دين کي ڪري زنده
اُهي ئي محسنِ اسلام ٻاهتر آهن

هي الميو ته ڪو چوڏهن صديون اڳي ٿيو هو
انهيءَ زماني کان اکيون سڀن جون تر آهن

اکين مان جيڪي به بزمِ عزا ۾ لڙڪ لڙيا
سي ٻه جهانَ جو سرمايو ءِ ثمر آهن

غمِ حسينؑ جي لڙڪن جون قيمتون نه پڇو
انهن جو مٽ نه ڪي موتي نه ڪي گهُر آهن

ڪڏهن ڪُنڊون وٺي گريو ڪرڻ ڪڏهن ظاهر
ٿيا ائين ئي حياتي جا ڏينهن بسر آهن

جنابِ شيخ هي ماتم اِئين ئي پيو ٿيندو
حُسينين تي سندءِ وعظ بي اثر آهن

هي فلسفو سفرِ ڪربلا جو تن کان پڇ
اُهي جي صاحبِ دل صاحبِ نظر آهن



لڪين ڪتاب پڙهڻ کان به پوءِ رهيا جاهل
جي اهلِ بيت جي عظمت کان بي خبر آهن

جي اهلِ بيت جي عظمت کان باخبر آهن
اُهي ئي علم جي دنيا ۾ معتبر آهن

حضورﷺ سائينءَ جو حَسنين لاءِ فرمايو
اُهي حديثون سچيون، صاف، معتبر آهن

(14 آڪٽوبر 2015ع
PTV جي محفلِ مسالمه لاءِ لکيل)

Gul Hayat Institute

# بي نظير

سهڻي بہ بي مثال بهادر بہ بي مثال
ناهي نہ ھو نظير ڪو هُن بي نظير جو
زنده رڳو قبر ۾ نہ ھر دل ۾ زنده آھہ
ايمان ھي اسان جي صغير ۽ ڪبير جو

(27 ڊسمبر 2015ع، يومِ شھادت بي نظير)

| |



# طالب المولیٰ

ڀلي دنيا مان ٿي ويو آهين رخصت طالب الموليٰ
اسان جي دل ۾ تون زنده سلامت طالب الموليٰ

عجب تنهنجي هئي طرزِ سياست طالب الموليٰ
حڪومت ڪئي مگر دل تي حڪومت طالب الموليٰ

رهي ڪيڏا ورهہ تو ساڻ صحبت طالب الموليٰ
ملڻ جي پو بہ پوري ٿي نہ حسرت طالب الموليٰ

ڪڏهن ڪنهن لئي نہ ڪو ڪينو ڪدورت طالب الموليٰ
ملي تو کان محبت ئي محبت طالب الموليٰ

ڪڏهن غيرن بہ تو لئي ڪو گُٿو گُفتو نہ ڳالهايو
اِها تنهنجي محبت جي ڪرامت طالب الموليٰ

لکين شيدائي تنهنجا تن ۾ مون جهڙا بہ لک آھن
اِها ڪيڏي نہ منهنجي لئي سعادت طالب الموليٰ

تون مخدومِ زمان پر قوم جو خادم رهين ھر دم
ڪريون پيا اڄ اُهائي ياد خدمت طالب الموليٰ

سنڌ ۾ تن جهڙو مردانہ وجاھت جو نمونو ھو
سنڌ ۾ من اھڙو ئي ھو خوبصورت طالب الموليٰ

Gul Hayat Institute

بلاشڪ آهين تون وارث ولي صدّيق اڪبر جو
مليو توکي وراثت ۾ صداقت طالب المولىٰ

قبر ۾ مصطفيٰ جو نور پيو وسندو ابد تائين
۽ محشر ۾ سندءِ ٿيندي شفاعت طالب المولىٰ

گهڻو توتي لکڻ چاهيم لکڻ جو ڏانءُ ئي ڪونهي
ڪٿي مون وٽ فصاحت ۽ بلاغت طالب المولىٰ

ڪچو آهي ڦڪو آهي مگر دل سان لکيل آهي
قبولج منهنجو هي نذرِ عقيدت طالب المولىٰ

(11 جنوري 2016، ورسي جي موقعي تي)



# نعت

نہ جنهن جي ابتدا آهي نہ جنهن جي انتها آهي
اُهو آهي خدا ۽ سائينﷺ محبوبِ خدا آهي

مڪرم سڀ نبي پر رحمة اللعالمين هڪڙو
محمد مصطفيٰ بيشڪ امام الانبياء آهي

زهي قسمت حرم جي حاضري ٿي بارها آهي
مگر چانئٺ چمڻ جي سڪ اڃا ڪان ڪجھ سوا آهي

مديني جي زيارت جي الاهي التجا آهي
هتي ويٺل سڄڻ جي لئي اها منهنجي دعا آهي

مديني جي ٻهاري دار ڪي هيءَ استدعا آهي
حرم جي خاڪ جو ذرّو ڏي هيءَ خاڪِ شفا آهي

حرم جي خاڪ جو ذرّو تبرّڪ طور آڻي ڏيو
اِها مٽّي اکين جو نور ۽ دل جي جِلا آهي

خيال ان جي سان سڀ راهون حياتيءَ جون ٿيون روشن
هُو جو بدر الدجيٰ، شمس الضحيٰ، نور الهديٰ آهي

هي جڳ مڳ ڪهڪشائن جي جا آهي آسمانن ۾
اِها هُن صاحبِ معراج جي بس خاڪِ پا آهي

اڳي اهڙي عجب جهڙي فضا ۾ ڪانہ هئي خوشبو
لڳي ٿو اڄ مديني مان گُهمي آئي صبا آهي

اسان پارن گنهگارن کي چو ميزان جو ڊپ ٿئي
سرِ محشر شفاعت لئي محمدؐ مصطفيٰ آهي

جتان سرڪارِ دو عالم جو روزانو گذر ٿيو هو
اُهي گهٽيون تہ پاڪ آهن اتي سجدو روا آهي

اُتي پينار ٿي پنهنجون مُرادون پيو پِني هر ڪو
پلي ڪو شهنشاهہ آهي يا مون جهڙو گدا آهي

حرم ۾ روضئہ اقدس جي پيرانديءَ ۾ مرقد ٿئي
اِها ئي آخري خواهش اسان جي يا خدا آهي

ڇڏي در مصطفيٰ جو چو ٿو پيو در در ڌڪا کائي
هي **هاتف** جو قصور آهي هي **هاتف** جي خطا آهي

(بزمِ طالب الموليٰ تحت 13 مارچ 2016 تي هالا ۾ طرحي
مشاعري لاءِ لکيل)

| |



لوڪ ۾ لايون نئين ياري ڪٿي
آهي هُن جهڙي ڪا موچاري ڪٿي!

هن صفت وارو تہ هڪ ئي هو امين•
هاڻي يارن ۾ وفاداري ڪٿي

ڪو لنگهي آيو تہ سڀ غلطيون معاف
اهڙي ماڻهن ۾ رواداري ڪٿي

هو ملڻ جا ۽ کِلي کائڻ جا ڏينهن
۽ اُها ياري ۽ چوياري ڪٿي

درد بي پايان ۾ مُرڪون بي حساب
ڪنهن ڏٺي اهڙي اداڪاري ڪٿي!

پيار جي بازر مان وٺ جيڪي ملي
پيار جي سودي ۾ مُڪياري ڪٿي

عاشقن سان جيڪا اڄڪلهہ پئي ٿئي
اهڙي ٿي هُئي قيس جي خواري ڪٿي

هو تہ ويو وچ سير ۾ ٻيڙي ڇڏي
ناخدا طوفان مان تاري ڪٿي!

ڪٿ دوا درمل بنهہ بي فاعده
۽ شفا ڏي ٿوري دلداري ڪٿي

---

• (مخدوم امين فهيم رحمة الله عليه)

بس هُنن جي جيت ئي مقصود هئي
ورنہ هيءَ بازي اسان هاري ڪئي

شوق قتلِ عام جو ڪيڏانهن ويو
يار تنهنجا نيڻ تاتاري ڪئي

منهنجي سورن ڪنهن جي اک آلي نہ ڪئي
منهنجي آهُن ڪنهن جي دل ڌاري ڪئي

ميڻ وانگي هن جي دل وٽڙي وڃي
اهڙي لڙڪن باه ڪا باري ڪئي

بس ملڻ جو عرض هڪ پيرو ڪيم
مون پريا جانا ڪئي زاري ڪئي

ڇو ڪيون ناهن اکيون تو فرشِ راهہ
يار جي آمد جي تياري ڪئي؟

بزمِ جانان ۾ تہ هاتف ڪو نہ هو
پوءِ الائي رات هُن گهاري ڪئي

(12 جون 2016ع، ڪراچي
بزمِ طالب الموليٰ جي طرحي مشاعري لاءِ)



هميشہ منهنجي دل ۾ يار جي موجودگي آهي
جدائي ۾ بہ مون کي وصل جي آسودگي آهي

سسي ۾ ساهہ جيسين آهہ جيسين زندگي آهي
سڄڻ جي سار سڪ مون لاءِ ڄڻ هڪ بندگي آهي

شبِ فرقت ۾ گرچہ چنڊ جي تابندگي آهي
رخِ روشن اگر ناهي تہ دل ۾ تيرگي آهي

محبت خون وانگي آهي نسَ نسَ ۾ روان دم دم
”محبت زندگي آهي محبت زندگي آهي“

لطيفي لات ”روزا ۽ نمازون پڻ چڱو ڪم“، پر
اهو ٻيو فهم يارو اصل ۾ جا بندگي آهي

لڱڙ ليڙون، جُتي قاتل، مٿي ۾ جون، بدن گريل
انهن جا ڪِئن اندر اُجرا اها حيرانگي آهي

سلامت شل هجن ساقيِ اهي نيڻن جا ميخانا
پياسن کي پيارج سُرڪ، ڏاڍي تشنگي آهي

Gul Hayat Institute

جڏهن تنهائيءَ ۾ مليو ته ڏاڍي حُبَّ سان مليو
پوءِ ڇا ٿيو ڇئن ماڻهن ۾ اگر بيگانگي آهي

وڃان ٿو ان ڪري روزانو صبح و شام گلشن ۾
گلن ۾ رنگ عارض جو چپن جي تازگي آهي

وفا يارن کان! يعني ٻير ٻيرن کان گهرڻ **هاتف**
سنڌءِ هيءَ سادگي آهي سنڌءِ ديوانگي آهي

(پٽ شاهه طرحي مشاعري لاءِ عيد رمضان 1437هه)



نه محبت ڪريون نه پيار ڪريون
پوءِ جيئڻ لاءِ ڪهڙي ڪار ڪريون
جي جيئڻ لاءِ ڪو بهانو کپي
بس محبت ڪريون پيار ڪريون
اڄ ته هڪ ٻئي کي ڏيئي ڏوراپا
اڄ رُسون، پرچون ۽ پيار ڪريون
اڄ اي جانِ بهار جانِ جان
زندگي رشڪِ نو بهار ڪريون
مُرڪ سان موڪلايون هڪٻئي کان
۽ وڇوڙي کي خوشگوار ڪريون
عشق ۾ ڦريون وفا جو اصول
بي وفا تي به اعتبار ڪريون
نيٺ ڏيندو محبتن جو جواب
بس هي اظهار بار بار ڪريون
هي جنون ۽ رڳو گريبان ڇو!
دامنِ دل به تار تار ڪريون
سر ته هڪ آهه جي هزار هجن
تو تان قربان بار بار ڪريون

وقت ايندو تہ ايندي موسمِ گل
”بي سبب ڇو تہ انتظار ڪريون“

هر ڪو ڪم پنهنجي وقت تي ٿيندو
”بي سبب ڇو تہ انتظار ڪريون“

نہ اجايون توقعات رکون
نہ ئي يارن کي شرمسار ڪريون

ڪنهن جي اڳيان جهليون نہ دستِ طلب
ڪنهن سڄڻ کي نہ زير بار ڪريون

تو وٽان آيو جام موٽائي
پاڻ کي ڇو گناهگار ڪريون

حسن وارن جي هِت هُجي اچ وڃ
دل محبت جي رهگذار ڪريون

گر طلبگار عدل جا آهيون
رشتو منصف سان استوار ڪريون

هُن سوا ڪِئن مشاعرو ٿيندو
ٿورو **هاتف** جو انتظار ڪريون

(11 سيپٽمبر 2016، شاهہ بخاري حيدرآباد
مرڪزي بزم طالب الموليٰ جي ماهانہ ميٽنگ ۾
طرحي مشاعري لاءِ)

| |



ڪو وقت ٿيو آهي ڪو زخم مليو ناهي
هو دوست ڪٿي آهن هو يار ڪٿي آهن!

| |

Gul Hayat Institute

یار کی جب بھی یاد آتی ہے
زندگی کتنی مسکراتی ہے

| |



لبن تي جي مرڪون سجائي وياسون
اِئين درد دل جا لڪائي وياسون

رڳو پيار الفت بچائي وياسون
ٻي هر شي تہ ڪائي ڪپائي وياسون

محبت ڪئي سون وڏائي وڃائي
درِيار تي سر نمائي وياسون

هي دنيا جا ڏنڏا اوهان جي حوالي
اسين پنهنجو وارو وڃائي وياسون

ڇنين يا ڳنڍين هاڻ وس وارو آهين
اسين پيار جو پيچ پائي وياسون

نہ ڪنهن جي جهلڻ سان جهلياسون پلياسون
سرِ دار ڳائي وڃائي وياسون

سُتل سور سيني جا جاڳيا تہ هوندا
ٻہ ٽي ٻول اهڙا ٻڌائي وياسون

| |

Gul Hayat Institute

کیا بتاؤں کس طرح ہے دلربا سب سے الگ
چاند جیسی صورتوں میں وہ لگا سب سے الگ

ہر مریضِ عشق کا ہے ماجرا سب سے الگ
درد بھی سب سے الگ اُس کی دوا سب سے الگ

زخم بھی دیتا ہے اور مرہم بھی رکھتا ہے ضرور
اُس جفا گر کا ہے اندازِ جفا سب سے الگ

جلوتوں میں اس کی بیگانہ روی تھی دیدنی
پیکرِ الفت لگا جب وہ ملا سب سے الگ

میں نہ جانوں ساغر و مے مجھ کو آنکھوں سے پلا
تشنگی میری الگ ہے اشتہا سب سے الگ

میں تو اس ظالم کی ہر دم مانگتا ہوں عافیت
سوچتا ہوں کیا یہ ہے میری دعا سب سے الگ!

| |



نہ گل جي رنگ رعنائي ۾ تارن جي سهائيءَ ۾
نہ هُن جي سونهن جهڙي سونهن هِن ساري خدائيءَ ۾

هو هر دم موج مستيءَ ۾ رقيبن سان کلي کائي
”اسان جو حال ٿيو بي حال جانب جي جدائيءَ ۾“

محبت ۾ مون هن کي پنهنجي مرضيءَ جو ڪيو مالڪ
جي ٿورو هٽ وڌايان ها تہ هو منهنجي رسائيءَ ۾

عجب جهڙا هنيا الزام يارن، سب قبوليا سين
اِهي جي دل جا ناتا ڇا ڇئون پنهنجي صفائيءَ ۾

نئون ڪو يار ڳولهيون ها نئون ڪو نينهن لايون ها
سڄڻ جهڙو هجي ها ڪو خدا جي هن خدائيءَ ۾

اُهو ڪو وقت هو جو ”سچ تہ بيئو نچ“ جي چوٽي هئي
نِرو نقصان آهي هِن زماني ۾ سچائيءَ ۾

پري پيالو تہ پيارئي پر اُها ئي تشنگي آهي
اجا ڪا سُرڪ ڏي ساقي مزو آهي سَوائيءَ ۾

Gul Hayat Institute

اسان پاڻيءَ جيان پنهنجا هي رستا پاڻ ئي جوڙيا
نہ ڪنهن جي رهنمائيءَ ۾ نہ ڪنهن جي پيشوائيءَ ۾

حياتيءَ جي سفر ۾ ڪيترا اونداها گس آيا
سيئي ٿيا خير سان طئيءَ هُن جي ڇهري جي سُهائيءَ ۾

مون کي پڪ آهہ هُن منهن موڙيو هو مون کان مجبوراً
وفا جي ٻُوا چي ٿي مون کي هُن جي بي وفائيءَ ۾

انهن کان پنهنجي فريادن جو ڇا لئي داد ٿيا طلبيو
سدائين جي رهن حڪّام بالا جي رسائيءَ ۾

اي **هاتف** ڇا ٻڌايو ڇا وڃايو تو محبت ۾
اهو ليکو ڪڏهن ويهي ڪجئين تون واندڪائيءَ ۾

(عيدالاضحيٰ 1437هہ جي موقعي تي ڀٽ شاهہ طرحي مشاعري لاءِ)

| |



# حميد جان سرهندي

رحلت ڪئي جهان مان حضرت حميد جان
پويان ڇڏي ويو فيض ۽ برڪت حميد جان
بيشڪ اسان وٽان ٿيو رخصت حميد جان
هر معتقد جي دل ۾ سلامت حميد جان
ظاهر ۾ موت، اصل ۾ آهي ڪرڻ ويو
حضراتِ نقش بند سان صحبت حميد جان
پنهنجن سان آهہ پيار ڪرڻ فطرتي عمل
اغيار سان ڪئي ٿي محبت حميد جان
منهنجن ٻچن جو سائين دعاگو رهيو سدا
مون سان بہ ڪئي هميشہ ئي الفت حميد جان
ماڪيءَ گنان مِٺو ۽ مکڻ کان بہ نرم هو
سرتابہ پا هو پيڪرِ شفقت حميد جان
تنهنجي صفات جون ڪري ڪهڙيون ڪهاڻيون
اهڙي قلم ۾ ناهہ ڪا طاقت حميد جان
تربت ۾ شل نبيءَ جو مٺئي نور پيو وسي
محشر ۾ ٿيندي تنهنجي شفاعت حميد جان
**هاتف** جي هيءَ دعا تہ رهي توتي تا ابد
الله ۽ رسول جي رحمت حميد جان

(مرحوم و مغفور سائين عبدالحميد جان جي چاليهي 27 نومبر 2016ع جي سلسلي ۾ لکيل نذر عقيدت)

| |

Gul Hayat Institute

**21 نومبر 2016ع تي سائين مخدوم امين فهيم جي ٻارهي جي تقريب تان موٽندي سندن ئي نعتيہ مصرع
”تون سائين ۽ سخي سرور انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ ناهي“
تي چند شعر نذر عقيدت طور پيش آهن:**

گهڻن لئي رهنما رهبر انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ ناهي
مگر منهنجو تہ هو دلبر انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ ناهي
امين خوش شڪل، خوش پوشاڪ، خوش گفتار، خوش خصلت
نگاهن جو رهيو محور انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ ناهي
مٺي ماڻهوءَ جون ياد آهن مٺائيءَ ڪان مٺيون ڳالهيون
مڙئي شيرينيون ڪمتر انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ ناهي
چڱن ماڻهن جي دنيا ۾ تہ بيشڪ ڪا ڪمي ناهي
هو بهتر ڪان بہ هو بهتر انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ ناهي
وفا هر ڪنهن سان ليڪن بي وفا سان پڻ وفاداري
سندس هيءَ خانداني پر انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ ناهي
وڏو ماڻهو هو پر هن ۾ وڏائيءَ جي نہ ڪا خُو هئي
نہ مغروري، نہ ڪرّوفر انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ ناهي



وسارڻ جو نہ هو پوءِ ڪيئن وساري ٿا سگهون يارو
سيڻ جي دل ۾ هُن جو گهر انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ ناهي
رهي شل روزِ محشر هُن جي رحمت جو مٿس سايو
جو سائينءُ ۽ سچو سرورُ انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ ناهي
قبر ٿيندي ڪشادي ۽ نبيءَ جي نور سان روشن
پوءِ جنت منجهہ ٿيندس گهر انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي
رڳو هاتف نہ ڪئين ٿا ٿا سندس دامِ محبت ۾
امين هو پيار جو پيڪر انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ ناهي
(21 نومبر 2016ع)

| |

نيڻن مان سچو ڏينهن سچي رات مسلسل
وسندي رهي بي موسمي برسات مسلسل

هڏڪوئي بہ ٿي، ڪانگ بہ لَنئي لات مسلسل
آيو تہ سهي، ٿي نہ ملاقات مسلسل

ڪو شخص ويو دل ۾ ڏيو پيار جو ٻاري
ورنہ تہ حياتي هُئي ظلمات مسلسل

بيشڪ هي جدائي جون گهڙيون عارضي آهن
ماڻهو تہ اجايو ٿا هڻن وات مسلسل

آسان اچي يار ڪريو هڪڙي جهلڪ سان
بيمارِ محبت تي جا سڪرات مسلسل

اي ڪاش هو منهنجي بہ تہ پرگهور لهي ها
جنهن جي مون کي ڏينهن رات هُئي تات مسلسل

ڪنهن عشق جي بازيءَ ۾ نہ ميدان ڇڏيو سين
هر عشق جي بازيءَ ۾ ملي مات مسلسل



سڀ يار پري ڪان ڏسي پاسو ڪري ويندا
اهڙائي رهيا پنهنجا جي حالات مسلسل

چورن کي ڪڏهن هار ڪڏهن تاج طلائي
ساڌن جي نصيبن ۾ حوالات مسلسل

محفل ۾ چيو سين ٻُڌي دردَ ڪهاڻي
هاتف ٿو بڪي ڪهڙي خرافات مسلسل

(7 اپريل 2017ع، ڪراچي)

| |

Gul Hayat Institute

زندگيءَ تي ڀروسو جيڪو ڪري
پاڻ سان ڪيڏو نه ٺودو ڪو ڪري
زندگيءَ ڪنهن سان ڪڏهن ڪئي ڪا وفا
بي وفا سان پيار پر سيڪو ڪري
زندگيءَ عيوض محبت جا ٻه پل
آهه ڪو مون سان اِهو سودو ڪري
ساري جڳ ۾ هڪڙي ڪي پنهنجو ڪيم
ساري جڳ ۾ سوئي ويو پاسو ڪري
دامِ الفت ۾ جو ويو سوگهو ڪري
جي نه ٿو پنهنجو ڪري، آجو ڪري
جن کي پنهنجن کان نه پنهنجائپ ملي
هاڻ تن کي مَنَ خَدا پنهنجو ڪري
ڳالهه بس ٿيندي لب و رخسار جي
ڳالهه دنيا جي ته هر ڪو ٿو ڪري
عمر گذري يار جون راهون تڪي
دوستو مون کي ڪو گهر پيڙو ڪري
پنهنجي هٿ سان پاڻ کي ماريو اٿم
دوستن جو ڪم ڇڏيم سو ڪو ڪري



آئون تن جي سٿ ۾ شل شامل ٿيان
جيڪي ويا تاريخ ۾ نالو ڪري
تون نه ڪمزورن سان اهڙي ڪار ڪر
جيڪا ويو تو ساڻ ڪو ڏاڍو ڪري
يارَ هاتف کان ته پيا گنتارَ ڪن
پوءِ ٻه هو پنهنجي ڪٿا ويٺو ڪري

(18 مئي 2017، دبئي)

| |

حڪيمن، حاذقن، ويدن جي وس ڪان هي وڏا آهن
”اِهي جي گهاءُ گهُورن جا بنهہ گهرا گهٽا آهن“

ڪي مژگان جا قتيل آهن، ڪي ابرو سان ڪُٺا آهن
مريضانِ محبت لا علاج ۽ لا دوا آهن

متان ڪنهن منهنجي يارن لئي گُٺا گُفتا ڇيا آهن
مون ڪان پاسيرا آهن پر مون ڪي ڏاڍا مِٺا آهن

خزان جي مند ۾ چوپاسي ٽڙيا موتيا آهن
لڳي ٿو صبح سان محبوب منهنجا مُرڪيا آهن

هو مُرڪيو، ڏند مُرڪڻ ساڻ اهڙا جهرڪيا آهن
جو چوڏهين چنڊ پيو گرهي ستارا ٿيا جهڪا آهن

اُهي هر قاعدي قانون ڪان ئي ماورا آهن
اميرِ شهر سان جن جا قريبي واسطا آهن

حياتيءَ جي سَفينن جا هي کهڙا ناخدا آهن!
بچي طوفان مان نڪتا ڪناري تي ٻڏا آهن

خبر هئي ڪٿ نہ ڪٿ آخر وڃي ٻوڙيندا ٻيڙي ڪي
الاهي خير ٿيا قذّاق اسان جا ناخدا آهن



عجب ڇو آهہ جي گم ڪرده راهن ۾ پيا پٽڪون
اُهي جي راهزن آهن اُهي ئي رهنما آهن

جي منبر تي ڀِي تلقين ڪن ٿا پارسائيءَ جي
انهيءَ ڪان ڪو پڇي خلوت ۾ هو ڇا ڇا ڪندا آهن

ڪي دولت جا، ڪي طاقت جا، تہ ڪي منصب جا پوڄاري
هتي هر ڪنهن جي دل ۾ پنهنجا پنهنجا بتڪدا آهن

اسان فرقت جي راتين کي هميشہ ٿا رکون روشن
اسان نيڻن ۾ لڙڪن جا ڏيا جو ٻاريا آهن

هي منهنجي دل جو خالي جام آهي، تشنگي آهي
ٻين جي لئي ڪليل هن جي اکين جا ميڪدا آهن

رڳو منهنجو نہ آهي حال هيڻو سور ٿيو ٻيڻو
جدائيءَ جون گهڙيون هر ڪنهن جي لئي صبر آزما آهن

اُنهن ٻولن جو ڏاڍو قدر ٿيندو اهلِ دانش وٽ
جنوني ڪيفيت ۾ جيڪي هاتف ٻوليا آهن

(6 جون 2017، ڀٽ شاهہ
رمضان جي عيد تي طرحي مشاعري لاءِ)

Gul Hayat Institute

# حمدِ باري تعاليٰ

نہ ڪو سنگي، نہ ڪو ساٿي نہ مائٽ رشتہ دار آهي
اسان جي حال جو محرم تہ بس پروردگار آهي

اچو گڏجي ڪريون اڄ حمد هُن باري تعاليٰ جي
هُو جنهن جي قبضۂ قدرت ۾ هي ليل و نهار آهي

جا سيني ۾ ٿي ڌڙڪي دل اُها حڪمِ الاهيءَ سان
سسيءَ ۾ ساهہ جيڪوان ٿي هُن جو اختيار آهي

اُهو عزّت ڏيڻ وارو، اُهو ذلّت ڏيڻ وارو
اُهو خالق، اُهو رازق، اُهو پروردگار آهي

اگرچہ ڪعبۃ الله آهہ بيت الله بہ حڪم الله
اِهو پڻ سچ تہ هر مومن جي دل هُن جو ديار آهي

مران شل آئون ڪلمي سان اٿان محشر ۾ ڪلمي سان
اِهائي آرزو اميد اي پروردگار آهي

سفر ٿيندو سڻائو جي هو ٻاجهارو ڪندو ٻاجهون
گناهن جي پري سر ٿي، عدم جي رهگذار آهي



هو غفّار الذنوب آهي، هو ستار العيوب آهي
يقيناً بخشبو جيڪو بہ عاصي عيبدار آهي

اميد آهي تہ هُن دنيا ۾ مولا جو ڪرم ٿيندو
مسلمانن جو هِن دنيا ۾ ڏاڍو حال زار آهي

گهرڻ جو ڏانءُ جي ڪونهي تہ ڇا ٿيو ري گهُريو ڏيندو
ستر مائن کان وڌ هُن جو اسان بندن سان پيار آهي

محمدؐ مير جي صديقي اگهائج عرض عاجز جا
الاهي تو اڳيان **هاتف** سراپا انڪسار آهي

(17 جون 2017، 21 رمضان المبارڪ 1438هہ)

| |

خوشفہمیوں میں آتا ہے مجھ کو مزا بہت
اُس نے تو کچھ نہیں کہا میں نے سُنا بہت
جس کے لئے ہمیشہ میں بے صبر تھا بہت
اس کا وصال بھی رہا صبر آزما بہت
دربارِ یار میں تو بڑی پیشیاں ہوئیں
جب میری باری آئی ہوئیں التوا بہت
اسکو ہماری یاد بھی آئی تھی یا نہیں
ہم نے تو اس کے ہجر میں یارو سہا بہت
دل کے قریب ایک تھا، اُس نے بھلا دیا
ویسے تو زندگی میں ہوئے آشنا بہت
جس نے ہزار غم دئے ڈھائے ستم کئی
وہ کیوں ہمارے حال پہ روتا رہا بہت

| |



ڪوڙ جي قصن ۾ ٿورو سچ ملائيندا هلو
عشق جون آکاڻيون دلڪش بنائيندا هلو
بلبلن وانگي سُريلا سُر سُڻائيندا هلو
”فصلِ گُل آهي گلابي گيت ڳائيندا هلو“
غم لڪائي منهن تي مُرڪن کي سجائيندا هلو
هر گهٽيءَ هر گام تي ميڙا مچائيندا هلو
تير طعنن جا پلي ڪيڏا لڳن يارن هٿان
زخم کائيندا هلو ۽ مسڪرائيندا هلو
زخم جي تڙندا رهيا هِئن دل جي لالا زار ۾
رڱ رچائيندا هلو خوشبو ورهائيندا هلو
جيڪي راهِ عشق ۾ اڌ ۾ ٿڪي ويهي رهيا
تن کان پاڪر پائي خوش ٿي موڪلائيندا هلو
درد جي ساڙيون دِلين جو ڪيتيون، سايون ڪريون
رات ڏينهن بس مينهن لڙڪن جا وسائيندا هلو
بي وفائن جي نگر ۾ پاڻ پنهنجيءَ تي هلون
نينهن لائيندا هلو ناتا نڀائيندا هلو
وقت هٿ مان ويو تہ جڻ دنيا بہ هٿ مان وئي هلي
وقت جي رفتار سان ساهي پُڄائيندا هلو

Gul Hayat Institute

منزلون پاڻ ئي اچي پيرن ۾ پونديون شرطيہ
منزلن ڏانھن بس اِئين ئي وک وڌائيندا هلو

جن جي ڇانئن ۾ مسافر عشق جا ساهي کڻن
اهڙا سايہ دار وڻ هند هند لڳائيندا هلو

محفلون اهڙيون سجايو جت دلين جا گَس لهن
هر کو هٿ سيکي جِتي سي مچ مچائيندا هلو

پاڻ وٽ تلوار ناهي پنهنجي هٿ ۾ بس قلم
هر منافق جو انهيءَ سان سر اُڏائيندا هلو

جي تلاشِ يار ۾ نڪتا آهيو اي دوستو
واٽ تي **هاتف** جي گهر تان پير پائيندا هلو

(پٽ شاهہ تي طرحي مشاعري لاءِ لکيل)

| |



درد، جس کی کوئی دوا ہی نہیں
اور یاروں سے کچھ ملا ہی نہیں

ابھی اتنا بھی تو جلا ہی نہیں
ابھی دل سے دھواں اٹھا ہی نہیں

دل لگانا تو چاہتے ہیں مگر
کوئی اُس جیسا پھر ملا ہی نہیں

آجکل کان بجتے رہتے ہیں
وہ سنا، اس نے جو کہا ہی نہیں

بات کرتا تھا مسکراتا تھا
پھر بھی اپنا سا وہ لگا ہی نہیں

دل کی باتیں کریں تو کس سے کریں
کوئی دل والا اب رہا ہی نہیں

ہم بھی کچھ کم گناہگار نہ تھے
وہ اکیلا تو بے وفا ہی نہیں

کتنا وعدوں پر اعتبار کریں
اتنا کوئی کبھی جیا ہی نہیں

آج **ہاتف** یہ کہہ گیا مجھ کو
وہ تو سب کا ہے بس تِرا ہی نہیں

(یکم دسمبر 2017ء، ٹورنٹو)

| |

Gul Hayat Institute

# نعت

بس محمدؐ مير جي الفت هجي چاهت هجي
پوءِ ڪنهن ڪي ڪنهن بہ شيءِ جي ڇو ڀلا حاجت هجي

هر ڀلاري ڏينهن سيني لاءِ هڪڙي ئي دعا
شل محمد مير مدني جي مٿن رحمت هجي

وردِ نامِ مصطفيٰ ٿيندو رهي شام و سحر
هُن جي ذڪرِ خير کان واندي نہ ڪا ساعت هجي

جا ڪري ٿو خود خدا، سا ٿئي ثنا، پر ڪٿي ٿئي
ڪنهن زبان ۾، ڪنهن قلم ۾ اهڙي ڪا طاقت هجي!

ڪٿ تہ ان جي شان جي شايان ڪريون مدح و ثنا
آسمانن کان مٿي جنهن نام جي رفعت هجي

جيڪي هُن پويان ڇڏيا تن جو ڪيائون قتلِ عام
دشمنانِ آلِ احمدؐ تي سدا لعنت هجي

ڪاش پيرين پنڌ پهچون اُن درِ اقدس اڳيان
ڪاش جسمِ ناتوان ۾ ايتري طاقت هجي



پاڻ گهريو پئي ءِ گهرنداسين محمد مير کان
واعظن ليکي ڀلي ڪيڏِي اِها بدعت هجي

سج سوا نيزي تي تن کي ڇا ڪندو جن جي مٿان
رحمة اللعالمين جو سايہءِ رحمت هجي

جو بہ هاتف وانگي هُن سرڪار جو گولو ٿيو
ڇو نہ هِن دنيا ۾ ان جي ايتري عزّت هجي

(ڀهرين ڊسمبر 2017ع بمطابق 12 ربيع الاول 1439هہ،
ٽورنٽو ڪئنيڊا)

||

لڙائي حق جي لڙبي اگر تير و تبر ناهي
زبان سان جنگ جوٽيندا سين جي ٻانهن ۾ ٻر ناهي

هي دل جو گهر ڪليل چوپاسي جنهن کي ڪوبہ در ناهي
مگر اُت منهنجي پيارن جو الائي ڇو گذر ناهي

پلي يڪ طرفي آهي پر بنا شرطن شر وطن جي
محبت برملا آهي، اگر ناهي مگر ناهي

محبت ۾ کهاڻين مان کهاڻيون ڪئين ڦُٽي نڪتيون
ٻڌڻ چاهيو ٻڌايان، قصّو ايڏو مختصر ناهي

خبر آهي تہ هُن کي بس رقيبن جي خبر آهي
”اسان جي حال جي هُن بي خبر کي ڪا خبر ناهي“

سندم سڪرات جو سڻندي هليو هر هنڌ هو هوڪو
”اسان جي حال جي هُن بي خبر کي ڪا خبر ناهي“

پلي ديرائتو آخر جهليندو وصل وارو ڦر
جو ٻوٽو پيار جو پوکيو اٿئون سو بي ثمر ناهي

چمن ۾ ڇهڇٽو هو جنهن جي دم سان سا اُڏامي وئي
پوءِ گُلَ ڪنهن لئي ٽڙن، مرڪن جي بلبل نعمہ گر ناهي



اي ناصح هر نصيحت تنهنجي پاڻيءَ جيئن وهي ويندي
هي ديوانا تہ اهڙا ٿانوَ آهن جن کي تر ناهي

اگر ماڻهوءَ ۾ ناهي ماڻهپو، ماڻهوءَ جي لئي عزت
تہ پوءِ مخلوق ۾ انسان جهڙو جانور ناهي

اهو در جنهن سوالين کي ڪڏهن خالي نہ موٽايو
محمدؐ مصطفيٰ جي درّ سوا ٻيو ڪوبہ در ناهي

عدم جي راهہ تي هر حال ۾ هلڻو تہ آهي، پر
سفر اهڙو جو هِن ۾ ڪوبہ ڪنهن جو همسفر ناهي

ڪِنو ڪو جهو سهي، **هاتف** تہ تنهنجو پنهنجوئي آهي
ٻُهاري در ڪان ٻاهر اُڇلجي اهڙو ٻُهر ناهي

هلون اڄ بزمِ شعراء ۾ جتي **هاتف** کي ٻڌڻو آ
چڱو شاعر تہ آهي، ڇا ٿيو جي نامور ناهي

(3 مارچ 2018، مٺياري ۾ طرحي مشاعري لاءِ)

| |

ڪيئن نہ پَلَ ۾ دل ڪٽي ويو اوچتوئي اوچتو
راهہ ويندي جو مِلي ويو اوچتوئي اوچتو

ڪير سوچي سمجهي ٿو هن مرض ۾ ٿئي مبتلا
”عشق ٿيٽو هو تہ ٿي ويو اوچتوئي اوچتو“

اوچتوئي اوچتو مون ڏانهن جئن مُرڪي ڏٺئيس
هر مُئل جذبو بہ جِي ويو اوچتوئي اوچتو

ڏُکَّ ڏوراپا نہ ٿيا، شڪوه شڪايت ڪا نہ ٿي
پوءِ بہ هُو ڇا لئي رُسِي ويو اوچتوئي اوچتو

اوچتوئي اوچتو جئن هُن وچڙ واري ڪَئي
ساهہ جڙ منهنجو سُڪِي ويو اوچتوئي اوچتو

يار جي نوراني مکڙي کان ٿي ايڏو شرمسار
چنڊ ڪڪرن ۾ لِڪِي ويو اوچتوئي اوچتو

هونءَ تہ هُن جي موءِ جئري جي هئي مون ساڻ بس
منهنجي مرتئي تي پُڄِي ويو اوچتوئي اوچتو



ڪنهن جو ماچيس ڪنهن جي تيلي ڪنهن جا هٿ، ڪنهن جي هوا
باهہ ڀڙڪي، گهر سَڙِي ويو اوچتوئي اوچتو

حرص جي گرداب ۾ ڦاٿس تہ سائينءَ ڪي سڏيم
منهنجو ٻيڙو پار ٿي ويو اوچتوئي اوچتو

احتياط اي دوستو هيءَ مُندَ ڪنيجڻ جي اٿوَ
هي ڪَڄي ويو، هُو ڪَڄي ويو اوچتوئي اوچتو

ڪانگ کهڙي لات لَنئي جو هاتف آهي ايڏو خوش
جڻ خزان ۾ گُل ٽِڙِي ويو اوچتوئي اوچتو

(26 مئي 2018ع، امداد جي ڏنل طرح تي لکيل)

| |

هــزارن ۾ هڪـــڙو نِيـــارو ملـــي ويـــو
اجهـو مـون کـي منهنجـو پيـارو ملـي ويـو
ٻـين کـــي پلـــي نـــاز وارو ملـــي ويـــو
مـون کـي ماهـ رو ماهـ پـارو ملـي ويـو
اسان کي نہ ٻي ڪابہ تات ۽ طلب هئي
”مِلئين تـون تہ سنسـار سـارو ملـي ويـو“
محبـت جـا ماريـل لُـڏي لمڪـي اٿيـا
جـو تنهنجـي نظـر جـو سهـارو ملـي ويـو
ڪٿي تون پري زاد ڪٿ آئون ڪوجهو
نصـيبن سـان پنهنجـو سـتارو ملـي ويـو
جڏهن اوچتو مون ڏانهن مرڪي نهاريئي
ٻُـڏل ٻيـڙي کـي جـڻ ڪنـارو ملـي ويـو
محبـت جـو ميـوو مٺـو هونـدو آهـي
الائي ڇـو ڪِـن کـي ڪسـارو ملـي ويـو
رقيـبن سـان گـڏ اڄ وِهـڻ جهـڙو آهيـان
وڳـــو دوســـتن کـــان اُڌارو ملـــي ويـــو



ســياٽا ســياڻ جــي ڳولهـــا ۾ نڪتـــا
مليـو جـي تہ ڇريـو مـون پـارو ملـي ويـو
ڪِلـي ٿـو رُئـان، روئـي روئـي ڪِـلان ٿـو
هي ڪهڙو مرض مون کي يارو ملي ويو
هلـون سـر تـريءَ کـي ڪٺـي سـوءِ مقتـل
ڪٿـاري اکـين جـو اشـارو ملـي ويـو
جتـي ڪيئـي ديـدار جـي آسـري ۾
اتـي ڪِيـئن **هـاتف** کـي وارو ملـي ويـو

(5 جون 2018ع، عيدالفطر 1939هہ جي موقعي تي
پٽ شاهہ ۾ طرحي مشاعري لاءِ)

| |

هي ڪھڙو جيئڻ جي محبت نہ آهي
ڪو آهي جو مون ساڻ سهمت نہ آهي؟
ڇوي ڪير ٿو مون ڪي چاهت نہ آهي
ها، اظهار جي مون ۾ همّت نہ آهي
جي اظهار جي ڪنهن ۾ همّت نہ آهي
تہ پوءِ برملا ڇئي محبت نہ آهي
محبت ڪرڻ وارو جيون جو ساٿي
انهيءَ ڪان وڏي ڪا بہ نعمت نہ آهي
ملي ٿو تہ بختاورن کي ملي ٿو
سچو پيار ڪنهن جي وراثت نہ آهي
تصور ۾ هر دم هم آغوش آهيون
"مون کي هاڻ ڪنهن جي ضرورت نہ آهي"
هي زلفن جو سايو جي سر تي سلامت
تہ ڪنهن سائبان جي ڪا حاجت نہ آهي
حسينن جا غمزا غزل تا لکائن
اسان جي قلم جي ڪرامت نہ آهي
ڪي ڏاها ڇئي ويا "جي گسندا سي وسندا"
جي زحمت نہ آهي تہ رحمت نہ آهي



اِهي رنج راحت سِڪي جا ٻہ پاسا
اگر رنج ناهي تہ راحت نہ آهي
بنا ڪوئي ڪنهن جي در ڪونہ ويجبو
اجا يار سان ايڏي حجّت نہ آهي
ڏُکن ساڻ ٿي ڇئن ڇونڪن جو رشتو
سُکن ساڻ پنهنجي ڪا سنگت نہ آهي
’هُو مون لاءِ مون وانگي بيتاب بيڪل‘
هي افواهہ آهي حقيقت نہ آهي
ليي پوندا ڳولهڻ سان صادق امين، پر
هتي اجتماعي صداقت نہ آهي
اُهي پاڻ کي ڪيئن ڇڪي تا وڏو ڪن
اُهي جن جو ڪو قدّ و قامت نہ آهي
اجايا قسم سُونهَن جيڪي کڻن تا
انهن جي زماني ۾ ڪا پت نہ آهي
اجا هُن جا وعدا وفا ڪونہ ٿيندا
اجا ايڏي ويجهي قيامت نہ آهي
اُتي **هاتفِ** خستہ جهڙا اگهي ويا
جتي راڄ راڻن جي وقعت نہ آهي

(21 آگسٽ 2018 عيدالاضحيٰ جي موقعي تي
پٽ شاهہ ۾ طرحي مشاعري لاءِ لکيل)

Gul Hayat Institute

راه بدل کر گذرا تھا
وہ جو میرا اپنا تھا
ایسا تھا یا ویسا تھا
جیسا تھا وہ میرا تھا
ایک نظر کا صدقا دو
اتنا ہی تو مانگا تھا
ایک جھلک ہی دکھلاتا
اور ہمیں کیا کہنا تھا
آنکھوں سے اوجھل ہی سہی
دل میں ہر دم رہتا تھا
ہونٹوں پر تو تالا تھا
آنکھوں پر کیوں پردا تھا!
دل کو معطر جس نے کیا
وہ موتئے کا جُوڑا تھا
باہر اتنی خاموشی
اندر محشر برپا تھا
یاروں کا جمگھٹا تھا
ہاتف پھر بھی تنہا تھا

(12نومبر2018ء)

| |



## نئون سال

اڳوٽي سال جيان هي بہ انتظار ۾ ويو
خدا ڪري تہ نئون سال خوشگوار هجي
خدا ڪري نہ ڪڏهن مون تان هُو پيچي پيرو
خدا ڪري تہ سدا مون سان همڪنار هجي

خدا ڪري تہ نئون سال خوشگوار هجي
اڳوٽي سال جيان هي تہ انتظار ۾ ويو
ملڻ جون موسمون آيون مگر نہ هُو آيو
سمورو سال اِئين ئي سندس سنپار ۾ ويو

(31 ڊسمبر 2018ع، حيدرآباد)

| |

Gul Hayat Institute

ڪيترو عرصو ٿيو هن کي ڏِٺي
پوءِ به مون کي اِنءَ هميشه ٿو لڳي
ڄڻ هو ڪڏهن مون کان نه ٿيو آهي جدا
ڇاپ جو پنهنجي ويو دل تي ڇَپي

(1 جنوري 2019)

| |



اُهي ڪي ڀيا سدائين جي رهن ٿا پنهنجي يارن سان
اسان جو ساٿ بس اوسيئڙن سان انتظارن سان
سنيها سڀ مُڪاسون استعارن سان اشارن سان
کُليو اظهار الفت جو ڪبو ڪيئن پرده دارن سان
گلن جي عشق سان مشروط آهي پيار خارن سان
رقيبن ساڻ رکڻي پئي جي رکڻي آ يارن سان
خبر هوندي اٿئون هُن کونه پاريو کونه پاريندو
مگر ريجهو وجون ٿا يار جي قولن قرارن سان
اسان جو پيار هڪڙي گلبدن سان، بس اُهو گهرجي
اسان جو ڪهڙو ڪم دنيا جي باقي گلعذارن سان
پلي ڦولاريا گلشن، پلي چوپاسي گلپاشي
جي گڏ ڪو دل گهُريو ناهي، لڳي دل ڪئن نظارن سان
حسينن وٽ نه ڪي خنجر، نه ڀالا ۽ نه تلوارون
هڻن ٿا تير مژگان جا کُهن ابروجي وارن سان
حقيقي پيار بس ڪنهن ڪنهن کي ملندو آهه قسمت سان
اگر شادي ڪپي، ٿي ويندي آهي اشتهارن سان
ڪو تو جهڙو مليو ئي ڪونه پوءِ ڪنهن کي ٻڌايان ها
”اي منهنجا ماه رو تنهنجون ڪيم ڳالهيون ستارن سان
جواني موٽڻي ناهي مگر جذبا جوان رکجن
رکون ٿا اِن ڪري ياري جوانن سان ڪنوارن سان“

نہ ڪي شڪوا شڪايت ۽ نہ ٿيندا ڏک ڏوراپا
اگر آيا تہ پياريون ٿينديون ڳالهيون پيارن سان
وڏائي جن جي وڙتن ڪي پري ڪان ئي سلام آهي
اسان جو قرب آهي، قرب رهندو قربدارن سان
فقير آهيون، فقيرن سان ئي پنهنجا چار چونڪ آهن
اسان جي ڪانہ پوندي، ڪانہ پئي دستار وارن سان
اِهي مسند نشين وقتي نمائش لئي وهاريا ويا
اميدون ڇو رکون اهڙن بنهہ بي اختيارن سان
اڄوڪن ناخدائن جي مهارت ديدني آهي
ٻڏن ٿيون روز ڳيئن ٻيڙيون، لڳن ڪي ڪي ڪنارن سان
اِهين ٿوري گهڙيءَ تي ڪِيئن ڪبي بس پنهنجي هاتف سان
رُسڻ پرچڻ تہ ٿيندو رهندو آهي يارَ يارن سان

(7 جون 2019ع ڀٽ شاهہ جي طرحي مشاعري لاءِ)

| |





Gul Hayat Institute